تحقيق

# چنڊ وديا

## جا اصول ۽ سڪيا

سرمد چانڊيو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# چنڊ وديا
## جا اصول ۽ سکيا

سرمد چانڊيو

ڪنول پبليڪيشنز قنبر

**BOOK NO: (264)**

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: **چنڊ وديا جا اصول ۽ سکيا**

موضوع: تحقيق

ليکڪ: **سرمد چانڊيو**

پهريون ڇاپو: ڊسمبر 2019ع

ڪمپوزنگ: منو ميگهواڙ

ڇپيندڙ: **ڪنول پبليڪيشن، قنبر**

03337523132

قيمت: 200 روپيه

**CHAND WADYA JA AASOL EN SAKHYA**

**Research**

**By:** **sarmad chandio**

**Edition :** **1st, DEC: 2019**

**Published By:** **Kanwal Publication, Kambar**

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

سمباره/ڪنول بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.
پنائي بڪ اسٽور، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.
ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد، ڪانيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو، المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ
سليمان برادرس، نواب شاهه. مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، سارنگ ڪتاب گهر، سکر
ٿر ڪتاب گهر، مٺي. سراج بڪ اسٽور، قنبر

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

سنڌ جي سرتاج شاعر
حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي
۽
سنڌ ٻولي جي مهان ڪوي
شيخ اياز
جي نالي

# سنڌاءُ

مهاڳ:

## ڇند وديا جي تاريخ ۽ سنڌاءُ

- ڇند وديا جي تاريخ
- ڇند وديا جا اصطلاح
- تُڪ جي وضاحت ۽ ان جي تاريخي گواهي
- تُڪ واري شاعري
- قافئي جي بيهڪ ۽ پابنديون
- قافئي جون ڪجھ مقرر پابنديون ۽ شرط
- علم عروض ۽ ڇند وديا ۾ فرق معلوم ڪرڻ

**پروفيسر عزيز قاسماڻي**

- ڇَند وديا جون معنائون ۽ اصطلاحَ
- ماترا
- ننڍي ماترا
- وڏي ماتراُ
- ڇندن جا قسم
- ماترڪ ڇند
- ورنڪ ڇند
- شبد پَدَ
- سَم پد
- وشم پَد
- ٽئي وشم پَد
- چار وِشَم پَد
- وڏي ماترا وارا شبدَ
- هڪ ننڍي ماترا ۽ ٻن وڏين ماترائن وارا شبد
- ٻن وڏين ماترا ۽ هڪ ننڍي ماترا وارا شبد

- ڇمپو ڇند
- شاھ لطيف جي واين جا قافيا
- شاعريءَ ۾ تنونن جي سچا ٽپ ۽ استعمال
- ڪوتا پَدَ
- ماترڪ ڳٽپ يا ڇيد
- سورٺو بيت
- دوھي جا شاعراڻا پد
- دوھي پَدَ وارو بيت
- سورٺي پَدَ وارو بيت

## ڇند وديا

- شاھ دنب ڪلا
- ترينگي ماترائي
- سَوَيا
- ڪَوتا شبد
- ڪَوِتا/ ڪَوِيتا
- ڪوتا پَدُ
- سن مُک پَدَ
- اَرُنَ ڇند
- ماترا سَنکيا
- ڳُنَ
- لکتِ وَرن
- ڪَل پَد ۽ ڪَل ماترائن جو وچور

## دوھا بيت

- قاضي قادن جا دوھا بيت
- حضرت شاھ لطيف جن جا دوھا بيت

- شيخ اياز جا دوھا بيت

## سورٺا پد

- قاضي قادن جا سورٺا بيت
- شاھ ڪريم جن جا سورٺا بيت
- حضرت شاھ لطيف جن جا سورٺا بيت
- شيخ اياز جا سورٺا بيت

## دوھي پد وارا بيت

- دوھي پد وارا قاضي قادن جا بيت
- شاھ ڪريم جا دوھي پد وارا بيت
- شاھ لطيف جا دوھي پد وارا بيت
- ساميءَ جا سَلوڪَ - دوھي پد وارا اَشلوڪ
- شيخ اياز جا دوھي پد وارا بيت

- قاضي قادن جا آڌ پُورا بيت

- شاھ ڪريم جن جو سورٺي پد وارو بيت
- ساميءَ جا سورٺي پد وارا اَشلوڪَ
- شيخ اياز جا سورٺي پد وارا بيت

- وايُنِ جو باب

- ورنڪ ڇند، يا ڪل پد ڇند

مهاڳ

# چند وديا جي تاريخ ۽ سٽاءُ

ادب قومن جي سڃاڻپ ٿئي ٿو ۽ ادب قوم جو سرمايو ٿئي ٿو. ان قوم جو ڪنڌ اوچو ٿيندو آهي، جنهن وٽ مهان تخليقڪار هجن ٿا. ادب ۾ ٻه گروه ٿين ٿا، هڪ اهي جيڪي تخليقڪار آهن. ٻيا اُهي جيڪي پنهنجي پنهنجي قوم کي ادبي صنفن جي فن جي جوڙجڪ ڪرڻ سميت، خود تخليقڪار به آهن. هڪ اديب ۽ شاعر جيڪي قوم لاءِ لکندا آهن ۽ ٻيو طبقو اهو آهي، جيڪي تخليقڪارن لاءِ لکندا آهن ۽ اتساهه بخشيندڙ آهن.

صدين ۾ ڪي اهڙا مانجهي مرد پيدا ٿيندا آهن جيڪي ادب ۽ فن ۾ اهڙو لازوال ڪم ڪندا آهن، جن تي قوم نه رڳو فخر ڪندي آهي پر انهن جي ڪيل مجموعي خدمتن کي ڳائيندي رهندي آهي.

شاعري جي بنيادي بيهڪ کي اصول چيو ويندو آهي، ان اصول کي هر خِطي جي ماڻهن پنهنجا پنهنجا مختلف نالا ڏنا آهن ۽ ٻوليءَ جي آهنگ کي نظر ۾ رکندي ان اصول جي لساني بناوٽ جي حوالي سان نالا به مختلف ڏنا آهن جيئن علم عروض، چند وديا، ميٽر ۽ فري ورس چيو ويندو آهي.

چند وديا هن ديس جي شاعراڻي اصول ۽ قاعدي کي چيو وڃي ٿو. چند وديا ڪيترن ئي صدين جي پيداوار آهي، ان جي حتمي تاريخ ته نه ٿي ملي پر پراڻو ۽ قديم علم آهي. جنهن ۾ شاعري رچي وڃي ٿي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ هڪ عظيم شخص پيدا ٿيو جنهن چند وديا ۾ نه رڳو واڌارا ڪيا ۽ ڪيئي نوان چند جوڙيا ۽ انهن کي استعمال به ڪيو آهي ان شخص جي علم ۽ ڏاهپ کان ڪو به انڪار نه ٿو ڪري سگهي. ان عظيم شخص جو نالو سنڌي ادب ۾ وڏي احترام سان ڪنيو وڃي ٿو. ان شخص جو نالو حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي آهي.

شاه سائين ڇند جوڙيا بہ آهن پر انهن کي شاعري ۾ استعمال بہ ڪيو آهي. گهڻو اڳتي هلي ڇندوديا جي علم کي سمجهڻ لاءِ ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. هي ڪتاب بہ ڇند وديا جي اصول تي آهي ۽ ڇند کي ڪينءَ آساني سان سمجهي سگهجي ٿو ۽ انهن ڇندن کي شاعري ۾ ڪينءَ استعمال ڪجي.

سنڌي ادب ۾ هي ناياب ڪم هن صديءَ جو اهم ڪم آهي، جيڪو سائين سرمد چانڊيو سرانجام ڏنو آهي ۽ سائين سرمد چانڊيو فن جو اهم نقاد آهي، پاڻ شاعر بہ آهي ۽ شاعري جي اڪثر قاعدن ۽ قانونن جو ڄاڻو بہ آهي. ڪاڇي جي ڳاڙهسري مٽي مان جنم وٺندڙ جي ڪوي جيترو شاعري اصول تي هٿ پهچ رکي ٿو ۽ انهن اصولن جي ذريعي ڪوتائون بہ جوڙي ٿو.

ايڪيهين صدي ۾ سنڌي ادب ۾ هي اڪيلو فرد آهي جيڪو فني ۽ فڪري طور ادب جي خدمت ڪري ٿو پيو. هن ڪتاب " ڇند وديا جا اصول ۽ سکيا" کان سواءِ 2016ع ۾ "حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي ــ ڇند وديا" جهڙو علمي ڪتاب سنڌي ادب کي ڏنو آهي.

سرمد چانڊيي ادب ۾ ٻيو عظيم ڪم جيڪو ڪيو آهي، تہ شاه سائين جي پوٽا چارسئو سال کان وٺي درگاه تي جيڪو راڳ هلي ٿو پيو. ان راڳ کي راڳداري جي اصول هيٺ سنگيت نامو جوڙيو آهي. جيڪو بہ ڪتابي صورت "سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ" ۾ ڇپجي پڌريو ٿي چڪو آهي. شاه لطيف جي راڳ ويراڳ جي مڪمل سنگيت جي صورت ۾ آڻڻ جهڙو اوکو ڪم اڪلائي ورتو. وڏي ڳالهہ تہ هتان گويا بہ سنڌي راڳ جي مؤجد هجڻ جي باوجود بہ هندستاني راڳداري ۾ ڳائن ٿا. جڏهن تہ سنڌي راڳداري جي هجڻ جي باوجود بہ هنن کي اوکي ڇو ٿي لڳي؟ سائين سرمد چانڊيي ادبي ڪم اهو ڪيو آهي جيڪو ڏکيو اٽانگو ۽ چيلينج وارو ڪم آهي.

منهنجي خيال ۾ ڇند وديا جي ڀيرين شاعراڻي صنف بيت آهي. ان کان پوءِ بيت جا ٻيا نيم بہ آهن. ۽ ان کان پوءِ ڇند وديا جون ٻيون شاعراڻيون صنفون بہ آهن.

بيت لفظ جي لغوي گهر آهي، گهر کي جهڙي طرح چئوديواري هجي ٿي. اهڙي طرح بيت بہ چئن پدن تي آڌاريل آهي.

مثال.

پهريون پد

**ايڪ قصر در لڪ.**

ٻيو پد

**ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون.**

ٽيون پد

**جيڏانهن ڪيان پرک.**

چوٿون پد

**تيڏانهن صاحب سامنهن.**

باقي بہ پاسا هي آهن جن کي ادبي تاريخ ۾ ڪنهن بہ شامل نہ ڪيو آهي.

پنجون زمين، ڌرتي. جنهن تي بيت / گهر جي اڏاوت ٿيل آهي.

ڇهون حصو. آسمان. جنهن کي آمد چئجي يا فڪر يا خيال چئجي تہ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

چند وديا جي اصول تي هن ڪتاب ۾ تفصيل سان ڳالهايو ويو آهي، ان تي ان کان بهتر ۽ سولي سمجهاڻي ٻي مون ڪٿي نہ پڙهي آهي. هن اوکي ڪم تي مون جهڙي شاگرد کي لکڻ وارو ڪم سونپيو ويو آهي اهو ڪم نہ رڳو اوکو آهي پر مشڪل بہ آهي.

## چند وديا جي تاريخ؟

چند وديا شعر جوڙڻ واري علم کي چئجي ٿو. شاعريءَ جو فن. چند وديا شاعري جي اصول کي چئجي ٿو جنهن جي بنياد تي سنڌ ۽ هند ۾ جيڪا شاعري ٿئي ٿي. ۽ سنڌي شاعراڻيون صنفون لکيون ويون آهن. جهڙي طرح عرب ۽ ايران ۾ شاعري جوڙڻ جي علم کي علم عروض چيو وڃي ٿو. انگريزي ادب ۾ شاعري جي علم يا فن کي ميٽر چيو وڃي ٿو.

علمي حوالي سان ڇند وديا جي تاريخ سومرا دؤر(1050) کان لکت ۾ ملي ٿي. ان دؤر جا واقعاتي، رزميا ۽ رومانوي بيت ملن ٿا. سومرا دؤر کان اڳ به شاعري ٿيندي هئي پر اها لکت ۾ نه ٿي ملي. ان ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ڇند وديا جي جڙڻ جي تاريخ ڪهڙي آهي. منطقي حوالي سان اهو قبول ڪري سگهجي ٿو ته جنهن قوم کي زبان آهي، ڌرتي آهي ۽ ڪلچر آهي ته انهن وٽ پنهنجي شاعري به آهي ۽ پنهنجي موسيقي به آهي.

## ڇند وديا جا اصطلاح

**سُر / آواز**

ڇند وديا ۾ آواز يا اکر کي وڏي اهميت آهي، ڇند جي بنيادي رڪن يا اساس آواز آهي. آوازي ميٽ جنهن کي اچي ٿي، ته ان کي لفظ جوڙڻ ۾ ڪا به مشڪل پيش نه ايندي آهي.

**لفظ / شبد**

لفظ ٻولي جي بنيادي ايڪن ۾ اچي ٿو. لفظ آوازن جي ميڙ کي چئبو آهي. جيڪو مختلف لفظن جوڙڻ يا ملائڻ خاص ڪم ڪري ٿو. ۽ ٻولي ءَ جي سرشتي جو سِياويڪ عمل آهي، جنهن سان لفظ سولا، هلڪا هجڻ ڪري موسيقيت پيدا ٿيندي آهي.

سنڌي ٻولي جا حرف علت تيرهن آهن جن مان ڪافي عربي ٻولي تان ورتل آهن.

زير، زبر، پيش، ٻٽي زير، ٻٽي زبر، ٻٽو پيش، ا ، مد، و ي، ن، شد ۽ الف حمزه.

نون ۽ الف حمزه ارڌ ماترا به آهن ۽ حرف حلت به آهن، سنڌي جي الفابيٽ ۾ صرف هي ٻئي حرف ارڌ ماترا آهن. ٽي حرف حرف علت آهن ۽ باقي حرف صحي آهن.

حرف علت جي سهڪار سان شاعر ماترا کي حضف به ڪندا آهن ۽ ضرورت پوڻ تي ماترا جوڙي به وٺندا آهن، ماترا وٺڻ جو اصول مقرر آهي ته جڏهن شعر ۾ ٻن اکرن جو لفظ اچي ٿو ان کي اعرابون ڏيئي پوءِ ئي ماترا وٺي سگهجي ٿي. ٻن کان مٿي حرفن واري لفظ مان ماترا نه ٿي جوڙي سگهجي.

چند وديا جو ماترڪ نظام ٻه سئو سال اڳ ادب ۾ متعارف ٿيو آهي، ان کان اڳ ۾ هند ۽ سنڌ ۾ شاعري، شاعرائي اصول کي ڪل جي اصول تحت توريندا يا ڇيد ڪندا هيا. ڪل ٻه شاعري جو پراڻو سٽاءُ آهي جنهن ۾ سگهڙ ۽ شاعر تڪ بندي جي ذريعي شاعراڻو اظهار ڪندا هيا.

ڪَلَ مڪمل لفظ کي چئبو آهي. جنهن ۾ هڪ اکر وارو لفظ ۽ ان کان وڌيڪ اکرن يا آوازن واري لفظي ڳٽپ کي چئجي ٿو. شعر جي فني سٽاءُ ۾ ڪل کي مکيا اهميت ان ڪري ٻه آهي ته ان مان مصرع جي فني بيهڪ ۾ ڪا کوٽ نه رهي.

ٻه سئو سال اڳ شعر جي فني سٽاءَ جو نئون اصطلاح سامنهن آيو جنهن کي ماترا ڇيو ويو آهي.

ڪلهوڙا دؤر کان پوءِ سنڌ ۾ ٻه شاعراڻا اصول قائم ٿيا. ڇند وديا هتان جو ديسي شاعراڻو اصول اڳ ۾ ئي موجود هيو علم عروض هتي آيو. جنهن جو سنڌي شاعري تي گهرو اثر پيو ۽ غزل جا ديوان تيزي سان اچڻ لڳا.

## تُڪ جي وضاحت ۽ ان جي تاريخي گواهي .

سنڌي شاعري تُڪ تي آڌاريل آهي، جڏهن اجا اسلامي انقلاب نه آيو هيو ان کان اڳ گهڻو قديم، تمام گهڻو قديم قافئي کي تُڪ چوندا هيا. سنڌي ادب ۾ قافئي وارو اصطلاح ٻه هاڻي قائم ٿيو آهي. ڪلهوڙا دور ۾ علم عروض آيو. علم عروض جي شاعراڻين صنفن ۾ رديف ۽ قافئي جو استعمال ٿيندو آهي. ان ڪري اهو اصطلاح جڙيو آهي. ان کان پهرين اسان وٽ لفظ تُڪ قائم هيو. اڄ ٻه چوندا آهن ته هي شاعر تڪ بندي ٿو ڪري معنيٰ صرف قافيا ملائي ٿو. فڪر هن وٽ ٻه گهٽ آهي ۽ ڇند جو ٻه پورائو ايترو ناهي.

## تُڪ واري شاعري

سنڌي شاعريءَ جو سموريون صنفون مقفا صنفون آهن. قديم دؤر کان وني تنهن کي تڪ واري شاعري ڇيو ويندو آهي، جيڪا اڄ ٻه فني قاعدي ۾ قائم آهي. سنڌي شاعريءَ جي سمورين صنفن ۾ قافيو استعمال ٿيندو آهي.

قافئي جي پابندي آهي، پر قافيو عروضي صنفن ۾ بہ رائج آهي پر عروضي صنفن ۾ رديف جو هجڻ بہ فني ٽيڪنڪ جو مکيہ حصو آهي.

قافيو لفظ يا هي شاعراڻو اصطلاح عربي ٻولي جي اچڻ کان پوءِ جو آهي. ان کان اڳ ۾ قافئي لاءِ ٽُڪ مروج هيو.

قافئي ۾ نو (9) جز آهن. 1. حرف روي 2. اساس 3. ردف 4. قيد 5. وصل 6. خروج 7. مزيد 8. دخيل 9. نائره

قافئي جا ٻہ قسم آهن 1. تز قافيو 2. ناقص يا مصنوعي قافيو.

## قافئي جي بيهڪ ۽ پابنديون

قافئي جي فني بيهڪ هر صنف جي حوالي سان مختلف ٿئي ٿي، مثال سورٺي ۾ پهرين پد ۽ ٽين پد ۾ قافيو ايندو آهي، اهڙي طرح دوهي جي ٻي پد ۽ چوٿين پد جي آخر ۾ قافيو ايندو آهي. اهڙي طرح بيت ۾ قافئي جي بيهڪ مختلف آهي. ۽ گيت، لوڪ گيت توڙي وائي ۾ قافئي جي بيهڪ ڌار ڌار آهي.

قافئي جي حوالي سان ڪجهہ اهم ڳالهيون ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ۽ اڳ ۾ قافئي لاءِ ڪافي مونجهارا بہ پيش آيا آهن ۽ هن دؤر جو شاعر قافئي کي پيش تہ ڪري ٿو پر ان جي جزويات ۽ مقرر پابندين کان ڪافي قدر غير واقف آهي. شاعري جي فن واري ڪتابن ۾ بہ اهڙي قسم جو قافئي تي ڪو تفصيلي ڪم نہ ٿيو آهي، شايد ان جي ڪري بہ مونجهارا پيش اچن ٿا. جڏهن شاه لطيف جي رسالي مان اهو استفادو حاصل تہ ڪري سگهجي ٿو پر ان ۾ مرتبن بہ قافئيُ جي تز وضاحت نہ ڪئي آهي.

اساسي دؤر جي شاعريءَ ۾ ڪل جو استعمال تہ چڱي طرح ڪيو آهي پر فني حوالي سان قافئي جو درست استعمال نہ ڪيو آهي. جنهن کي ڪلاسيڪل شاعر لطيف سائين پدن ۾ چند جي پابندي ۽ بيت ۾ قافئي جو درست استعمال ان سميت سورٺي ۽ دوهي ۾ قافئي جو مقرر استعمال نہ رکيو ڪيو آهي پر فن جون پابنديون بہ رکيون آهن.

## قافئي جون ڪجهہ مقرر پابنديون ۽ شرط

1. قافئي جو بامعنيٰ هجڻ ضروري آهي.
2. ساڳيو قافئو ٻين مصرعن ۾ نہ اچڻ گهرجي جيڪڏهن اچي ٿو تہ اهو معنوي اعتبار کان استعمال ڪيو وڃي.
3. وائي، گيت، لوڪ گيت ۽ ٻين ڇند ودِيا جي صنفن جي ٽُلهہ ۾ جيڪا قافئي جي پابندي رکي وئي آهي، ساڳي پابندي بندن ۾ قائم رکي وڃي.
4. ناقص قافئن جو ٽُلهہ ۾ استعمال نہ ٿيڻ گهرجي، ناقص قافئن کي بندن ۾ آڻي تہ بهتر رهندو.
5. قافئي جي روي کي سُر واري حرف تي قائم رکيو وڃي.

شعر ۾ قافئي جو آخر حرف روي آهي، ان جو درست استعمال ڪرڻ سان شعر جي فني پختگي ۽ موسيقيت ۾ رچي اچي ٿو.

هن ڪتاب ۾ مجموعي طور سائين سرمد چانڊيي ڇند جي قسمن تي تفصيل سان لکيو آهي ۽ اهو بہ جامع انداز سان. هن وقت وقت تائين ڇند جا ٿي قسم مروج آهن. هي انڪشاف ڪيو آهي. جنهن ۾ ڇمپو ڇند جو احاطو ڪيو آهي تہ ان ڇند کي آزاد نظم يا نثري نظم استعمال ڪري سگهجي ٿو. جنهن جو ڇيد بہ ڪيو اٿس.

فني طور تي هن صديءَ جو استاد شاعر سرمد چانڊيو نہ رڳو شاعر آهي پر فن تي هٿ پهچ رکي ٿو. جنهن جا ڇند وديا جي ٽيڪنڪ تي ٽي ڪتاب اچي چڪا آهن.

ڇند وديا جا اصول ۽ سکيا فني طور پختو ۽ جامع ڪتاب آهي جن مان نوجوانن ۾ شاعري جي سکيا حاصل ڪندڙن لاءِ ڪارائتو ڪتاب آهي.

هن قسم جو فني ڪم فني سٽاءَ جي آسان وضاحتن سان پيش ٿيل آهي.

## علم عروض ۽ ڇند وديا ۾ فرق معلوم ڪرڻ.

صنفي طور شاعريءَ جون صنفون واضع آهن بر صغير جي شاعري جون ڪجھ صنفون علم عروض واريون آهن ۽ ڪجھ ڇند وديا جي فن جون صنفون آهن. انهن جي سٺاءَ مان واضع ٿئي ٿو تہ ڇند واريون صنفون شبد جي غير مساوي هجڻ ڪري سجاڳڻ سوليون آهن. باقي علم عروض جا ارڪان فني بيهڪ ۾ هڪ جيترا هجن ٿا.

ڪجھ مثال پڙهندڙن ۽ شاگردن لاءِ علم عروض ۽ ڇند وديا مان ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو. تہ جيئن عروض ۽ ڇند ۾ واضع فرق ۾ ڪا اوکائي نہ ٿئي.

عروض جو مثال

الائي ، وري را ، ت ايندي نہ ايندي

فعولن ،فعولن ، فعولن ، فعولن.

اسان جي، ملاقا ، ت ٿيندي نہ ٿيندي

فعولن ، فعولن، فعولن ، فعولن.

مهان ڪوي شيخ اياز جي غزل جو مثال پيش ڪيو آهي. جيڪو بحر متقارب مثمن سالم ۽ وزن فعولن چار ڀيرا آهي.

عروض جي مصرع کي سڄي ڪان ڪاڀي ڇيد ڪبو تہ هن طرح 2,2,1 ـ 2,2,1 ـ 2,2,1 ـ 2,2,1. هوندو. جيڪڏهن ارڪانن کي مٿي ڪان هيٺ پرکبو تڏهن بہ انهن جي ترتيب ساڳي طرح هوندي

هن غزل جي مطلع ۾ چار ارڪان آهن، هڪ مصرع ۾ ۽ اهڙي طرح ٻي مصرع ۾ بہ چار ارڪان آهن. ٽوٽل اٺ ارڪان ۽ هڪ مصرع ۾ 20 ماترائون آهن ٻنهي مصرعن ۾ 40 ماترائون ٿينديون.

هاڻي اچو تہ 40 ماترائن واري ڇند جو ڇيد ڪنداسين تہ ان ۾ ماترائون علم عروض جي اصول وانگر 2.2.1 نہ هونديون.

40 ماترائن واري وائي مثال طور شاهہ لطيف جي اوهان جي اڳيان پيش ڪيان ٿو.

سر حسيني جي پنجين وائي

وجيا ماترائي: 10+10+10+10 = 40

هن وائي ۾ ٻہ مصروعون آهن ۽ چار پد آهن.

پيش ڪجي ٿو هن وائي جو ڇيد. ڇيد کي علم عروض جي اصطلاح ۾ تقطيع چئبو آهي.

ڏونگر ٿي ڏوري، وندر ٿي ووڙي،

جتن لئہ جيڏيون! ڏونگر ٿي ڏوري،

ڇيد

ڏونگر ٿي ڏوري، وندر ٿي ووڙي،

2,2 2 2 2, 2 2 2 2 2 = 20 ماترائون

جتن لئہ جيڏيون! ڏونگر ٿي ڏوري،

2,1 2 2 1 2 2 2 2 2 2 = 20 ماترائون.

عروض جو اصول آهي تہ ارڪان جي شروعات هڪ ماترا يا اڪيلي حرف سان ٿئي ٿي تہ پوري مصرع جي سالم وزن ۾. ارڪان جي شروعات هڪ حرف سان ٿيندي، جڏهن تہ ڇند وديا جي فن جي سٽاءَ ۾ شبدن جو قيد ناهي. هڪ ماترا يا وڏي ماترا جو پدن ۾ ڪو بہ قيد ناهي، ڪهڙي بہ طرح استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ڇند وديا ۾ ماترائن پيشڪش ڪرڻ جا اصول پنهنجا آهن ۽ علم عروض جي ارڪانن کي پيش ڪرڻ جو ڍانءُ پنهنجو آهي. وزن پيلي 20 حرفن تي هجي پر رڪن ۾ وتد ۽ سبب جي پيشڪش جو قاعدو مقرر آهي، سالم رڪن ۾ وتد ۽ سبب کي تبديل ڪرڻ جو جدا قاعدو آهي. ان قاعدي موجب اوهان سبب کي اڳ ۾ آڻيندا تہ وزن متجي ويندو تہ بحر خود بخود تبديل ٿي ويندو. پر ڇند ۾ ماترائن جي پيشڪش پدن ۾ تہ مقرر قاعدو آهي پر ماترائن کي اڳتي پوئتي ڪرڻ ۾ ڪو بہ آر ناهي.

ڇند وديا جي سکيہ لاءِ هي ڪتاب علم جي اساس واري حيثيت رکي ٿو. ۽ نون سکندڙن لاءِ فني طور آسان طرح پيش ٿيل آهي. مون تہ جهمٽ مل

خوبچند ياوناڻي جو ڪتاب "چند سڳنڌ" (ٻيهريون ڇاپو1953ع) به پڙهيو آهي جنهن ۾ وضاحتون ڏاتيون آهن ۽ چندن کي پيش ته ڪيو آهي پر ان ۾ ڪافي مونجهارا به آهن. جهڙي طرح هن هڪ اصطلاح آندو آهي ته "اڌ سورٺا چند ٻه دوها" ص 60 يا ڪٿي هن طرح به اصطلاح پيش ڪيو آهي " ٻه دوها چند اڌ سورٺا چند" 61 اهڙي طرح پري ٽيون اصطلاح آهي " سورٺا منجهه ٻه دوها" ص 62 يا هڪ وڏيڪ اصطلاح " اڌائي دوها اڌ سورٺا" ص 63 "اڌ سورٺا ساڍا چار دوها" جڏهن وضاحتون ئي منجهيل هجن ته باقي چند کي استعمال ڪيئن ڪري سگهبو؟

اسان وٽ هن وقت بيت، وائي ۽ گيت تمام گهٽ ان جي ڪري به لکجي رهيو آهي ته چند وديا جا اصول ۽ انهن اصولن هيٺ چند کي استعمال ڪرڻ ۾ مونجهارا پيش اچن ٿا. تنهن ڪري چند واريون صنفون گهٽ سرجيون وڃن ٿيون.

ادب ذوق ۽ ادب پرور شخصيت سان ملاقات ڪيو يا ان جا ڪتاب پڙهندئو ته اوهان کي ماضي، حال ۽ مستقبل جي نه رڳو ڄَجهي ڄاڻ ملندي پر اهو شخص تاريخ جي ورق گرداني ڪرائيندو ۽ لمحين لمحين مان واقف ڪرائيندو.

اهو مهان شخص، شاعر، اديب ۽ ڏاهو سائين سرمد چانڊيو آهي، جنهن سان ملڻ کان پوءِ نه رڳو محبت وڌي وڃي ٿي پر ڪڏهن به هن جي علم کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. هو شخص ڪلاسيڪل ادب ۽ جديد ادب جي معيار، ادب جي فن، ادب جي اهميت، ادب جي ساهمي ۽ ٻولي سميت ادب جي تحريڪن ۽ ادب جي روش مان پليءَ ريت واقف ڪرائيندو. هن جي علمي تحقيق جا رستا به انوکا ۽ دلچسپ آهن جن تي ورلي ڪنهن اديب ڪم ڪيو هوندو.

سائين سرمد چانڊيي جي هن ڪتاب ۾ سنڌي شاعري جي پڌن تي چٽائي سان خيال آرائي ٿيل آهي ۽ آڳاٽن وضاحتن کان الڳ ۽ تز انداز سان

ٻڌن جي وضاحت ڏنل آهي. ۽ هن ٻڌن جو ڇيد فني قاعدي موجب ڪيو آهي.

شاعري جو فن، ڇند ودیا هزارين ورهين کان هن ڌرتي جو خوشبودار ميوو آهي. ان ميوي جي پوکائي، پالنا ۽ پڪل ميوي جي ٽيسٽ کان مڪمل طور باخبر ڪيو آهي.

بيت ۽ ٻين صنفن جا ڇند ڌار ڌار آهن. ان جي فني سٽاءَ موجب سائين سرمد پيش ڪيا آهن. ڇندن جي سليس پڙهائي کان اڳ ۾ هن ڪتاب منجهه شاعري جي فن جي بنيادي نقطن تي سميت شاعري جي آواز، شبد، ماترا، سم ماترا کان ويندي قافئي کي سولي انداز سان نه رڳو بيان ڪيو آهي پر مدلل وضاحتون به ڏنو آهن. ۽ انهن شاعراڻن اصطلاحن جون به تز وضاحتون ۽ لغوي معنائون ڏنيون آهن.

شعر ۾ پد ڪيترا هجن ٿا، پد جي شعر ۾ پنهنجي مناسب ۽ گهربل جاءِ ڪٿي آهي. پد، سم پد، وشم پد ۽ ماترڪ پد جي سمجهاڻي استاد سائينءَ چٽي نموني سان وضاحت سان گڏ مثال ڏيئي سمجهايو آهي.

ڇند ودیا جي اصول مطابق شعر جو اساس پهريون پد آهي، جنهن شعر جي اساس پد جي ۽ ٽين پد پڄاڻي ٽُڪ تي ٽئي ٿي، اهو شعر سورٺو آهي. ٻڌن جي ڇنڊائي سائين سرمد سليس نموني سان هن ڪتاب ۾ ڪئي آهي. ۽ ڇند ودیا جا فني مونجهارا دور ڪيا آهن. پڙهندڙن کي سورٺي، دوهي ۽ بيت جي ٻڌن جي اوک ڊوک سولي نموني ۽ جامع انداز سان ڪئي آهي.

دوهي جي ٻي پد ۽ چوٿين پد جي آخر ۾ ٽُڪ ايندي آهي، باقي جيڪي نيم ٽُڪ جا آهن، انهن کي بيت چيو ويندو آهي، سواءِ آخري پد جي، چو ته آخري پد ۾ ٽُڪ نه ايندي آهي.

مون هن ڪتاب کي ور ور ڏيئي پڙهيو آهي ته من کي ٿڌي هير جهڙو ساءُ مليو آهي. آئون مجموعي طور هن نتيجي تي پهتو آهيان ته

1. تخليقي ۽ تحقيقي ڪم کي پڙهڻ ۽ پرکڻ کان پوءِ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ شاعري جي فن جي علم ڇند وديا ۽ علم عروض جو هن صدي ۾ ڪو وڏو ڄاڻو آهي تہ ان جو نانءُ سرمد چانڊيو آهي.

2. ڇند وديا جي ننڍين توڙي وڏن شاعراڻن اصطلاحن کي آساني سان ۽ سولي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي.

3. سائينءَ جي جاکوڙ داد لائق آهي، ڇو تہ نثري نظم شاعراڻي هيئيت جي صنف آهي جيڪا صنف ڇند وديا جي اصول هيٺ ڇمپو ڇند ۾ لکي سگهجي ٿو. سائين سرمد ڇمپو ڇند جي وضاحت سان گڏ ۽ ڇمپو ڇند جو استعمال ۽ ان جو ڇيد بہ پيش ڪيو آهي.

4. قديم ڇند جيڪي موجود هيا. انهن کان لطيف سائين جيڪي ڇند جوڙيا آهن. انهن کي پهريون ڀيرو متعارف بہ سائين سرمد ڪرايا آهن.

5. شيخ اياز جيڪي نوان ڇند آندا آهن. انهن کي ڇيد ۽ وضاحت سميت هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

6. ڇند وديا جي تاريخ ۽ فن جي آسان سکيا جو هي پهريتو ڪتاب آهي.

7. ماترڪ ڇند کان آڳاٽو ڇند جو نيم ڳل پد آهي، ان جي ڇنائي بہ هن ڪتاب ۾ ملي ٿي.

ڇند وديا جي لکت ۾ تاريخ سومرن جي دور کان ملي ٿي پر هي شاعراڻو علم قديم کان قديم آهي، جڏهن کان سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پنهنجي پياري جي شان ۾ يا ان جي غم تي جيڪو ڪجهہ جھونگاريو آهي يا منظوميت ۾ ڇيو آهي، ان شاعري جو فني بنياد اتان کان ڳنڍيو ويندو ۽ ان علم کي باقاعده سنواري ۽ سڌاري پيش ڪيو اهو شاہ لطيف آهي. پوڻان چار سئو ورهيہ گذري ويا آهن. شاہ لطيف جي شاعري ۽ راڳ ڏاري تي هن خطي جي هر فرد کي فخر آهي، فخر ڪرڻ بہ گهرجي.

پوڻان چار سئو سالن کان پوءِ ايڪويهين صديءَ ۾ هن عظيم شاعر جي شاعري تي پهريون شخص سائين سرمد چانڊيو آهي جنهن شاہ لطيف

جي شاعري جو چند ڪيڏي ڪتابي صورت ۾ پنهنجي قوم کي ارڻ مِٽ تحفو ڏنو آهي، جنهن کي اهلِ نظر ڪڏهن به نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهي.

سائين سرمد چانڊيو جو ٻيو وڏو تاريخي ڪم جيڪو شاه لطيف جي راڳ ڏاري جو سنگيت جوڙي پهريون ڀيرو سنگيت تيار ڪري ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

ٽيون ڪم جيڪو اوکو ۽ اٽانگو ڪم، نوجوانن ۾ علم ادب سان پيار ڪندڙن لاءِ چند وديا جا اصول ۽ سکيا مٿين تحقيقي ڪمن وانگر داد جي لائق آهي.

سائين سرمد جا شاعريءَ جا ڏهہ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ پنجاه کان مٿي قلمي صورت ۾ ڪتابَ، مضمونَ، تحقيقي مقالا، ڪهاڻيون ۽ شاعري موجود آهي.

چند وديا جي حوالي سان هڪ عرض ڪندو هلان تہ سنڌوءَ جي ڪناري جيڪي ويد رچيا ويا آهن، اهي ڳل پد جي قانون تي پوري آهن.

**پروفيسر عزيز قاسماڻي**

محبوب جو بنگلو ميراڻي محلو

لاڙڪاڻو سنڌ.

30.11.2019

# چنڊ وديا

## جا اصول ۽ سکيا

سرمد چانڊيو

# ڇند وديا جون معنائون ۽ اصطلاح

- ڇَند: فَن،، هُنر، ماترڪ سَڪيا ۽ گُڻن جي ترڪيب.
- وِديا:علم، ڄاڻ، هُنر، قانون، نظام ڪويتا جو علم.
- ڇند شاستر: پنگل رشيءَ جو ڪوِيتا ڪلا تي رچيل ڪتاب.
- ڇندوِديا جي تاريخ: هي علم ٻه سَوَ قبل مسيح کان ٻه اول جو علم آهي.
- ڇند وديا: شعر جوڙڻ جو قديم علم ۽ هُنر.
- ڇند وديا: شاعري جو ويسُ، قانون، سنئاءَ جو علم.

- **ماترا:** زبرن، زيرن ۽ پيشن جي مدد سان تيار ڪيل آواز يا سُرن ۽ حرف علت جي مدد وارا آواز هڪ آوازي وزن، ماپو.

- **ننڍي ماترا:** اَ،اِ، اُ ننڍيون ماترائون آهن، يا هَرسُو وَزَن، يا اعرابن وارا آواز آهن، جن جي ڇند وديا ۾ نشاني "ا" آهي، اهڙين ماترائن کي لگهُو وَزَن، يا هَر سُو وَزَن چئبو آهي.

- **وڏي ماترا:** آ، اي، او ئُون، ڄي، ڇي ... جهڙن حرف علت، يا سُرن واري ماترا کي وڏي ماترا چئبو آهي، ڇند وديا ۾ اهڙي ماترا کي گرو ماترا، يا سَم پد چئبو آهي.

- **گَڻُ:** ڇند وديا موجب ماترڪ ڇند ۾ ڪم آيل لفظ کي گُڻ چئبو آهي، ڇند وديا ۾ گڻن جو تعداد ٻارهن آهي.

- **ڇندن جا قسم:** (1) ماترڪ ڇند، (2) ورنڪ، ڇند (3) ڇمپُو ڇند.

• **ماترڪ ڇند:** ڳُڻن، لَفظن، اکرن جي آهنگ ۽ آوازن جي ڳڻپ تي آڌاريل ڇند آهي.

(1) ٻن ماترن واري ڇندن کان وٺي ٽيهن ماترن وارن ڇندن کي ماترڪ ڇند چئبو آهي.

(2) ايڪٽيهن ماترائن کان وٺي انٽيهن ماترائن تائين سَوَيا" ماترڪ ڇند آهن.

(3) اٺيتاليهن ماترن کان وٺي هڪ سوءِ ماترن تائين دنڊڪ، دنڊڪلا، ڳوتا ڪلا ۽ دنڊڪ ورت ماترڪ ڇند شمار ڪيا وڃن ٿا. وجيا ماترائي ڇند به اهڙن ڇندن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا.

• **ورنڪ ڇند**: علم عروض جي ارڪانن ۽ افاعيل وانگي، ڳل پدن تي آڌاريل آهن، مفاعيلن جي برابر سَت ڪل جو ڪل پد آهي، فاعلاتن جي برابر به سَت ڪل جو ڪل پر آهي، فعولن جي برابر پنج ڪل جو ڪل پَدُ آهي. فَعُول جي برابر چئوڪل جو ڪل پَدُ آهي، ايئن فَعَل جي برابر ترڪل جو ڳل پد آهي، ايئن سبب ثقيل جي لفظ ڪَٿَ جي برابر دو ڪل جو ڪل پد آهي، آجي برابر يڪ ڪل جو ڪل پد آهي.

• **شبد پَدَ:** "آ" هڪ پَدَ وارو لفظ يا شبد آهي، ڇند ۾ اهڙي لفظ کي وشم يا متحرڪ شبد چيو ويو آهي.

• **سَم پد :** "آ، ڪو، ٿُون، اِين، اي" جهڙا لفظ سَم پد ماترا وارا شبد آهن.

• **وشم پَدِ:** "ڪَنُ، پَلُ، هڪُ، چِڪَ" جهڙا لفظ ڏڳُن ڳُنَ وارا به ماترا وشم پَدِ شَبد آهن.



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

• **ٽئي وشم پد:** "سَڄَڻُ، اَڏَڪُ، وَٽَڻُ، تَجرَ" جهڙا لفظ ٽن وشم پدن وارا شبد آهن.

• **چار وِشم پد**: پَسرَڻُ، ڪُچِلَڻُ، نِڪِرَڻُ، وِسِرَڻُ، تِڇِڪُڻُ، جهڙا لفظ چئن وِشم پَدن وارا شَبد آهن.

• **وڏي ماترا وارا شبدَ** : پوبِري، ڇوڪِري، واهِپو، ڪيڪڙا، ڪيڪڙا، جهڙا لَفظ هڪ وڏي ماتِرا ۽ ننڍي ماترا ٽين وڏي ماترا وارا شبدَ آهن.

• **هڪ ننڍي ماترا ۽ ٻن وڏين ماترائن وارا شبد:** پَروڪا، لِياڪا، ڳهيلِي، سَهيلِي، اَڄاتو سُڄاتو جهڙا لفظ هڪ ننڍي ماترا ۽ ٻن ٻن وڏين ماترائن وارا شبد آهن.

• **ٻن وڏين ماترا ۽ هڪ ننڍي ماترا وارا شبد:** انسانُ، مَجبُورُ سنسارُ، هُگسارِ، هاڪارَ جهڙا لفظ ٻن ٻن وڏن ماترائن ۽ هڪ ننڍي ماترا وارا شبد آهن.

**چمپو ڇند:** هي ڇند پدن جي گهٽ وڌائيءَ تي ٻيٺل آهي، جنهن ۾ نثري نظم ٿي لکيو ويندو آهي.

مثال:

| | | | |
|---|---|---|---|
| کهڙي | تہ | اُتَتَ | آهي |
| ۲-۲- | ۱ | -۱-۱-۱- | ۲۲ |

| | |
|---|---|
| مُنهنجي | ڇيَ |
| ۱-۱-۲- | ۱-۱ |

ٿُوهَرَ جي شاخَ وانگُرُ سُڪِي وَئي آهي.

**۲-۱-۱-۲- ۲-۱-۲- ۱-۱-۲- ۱-۲- ۱- ۲ ۱- ۲- ۲-**

هِنَ ٻُٽِ تي ٻُونڊَ ٻہ ٽَہ ٽِي وَسي:

۱-۱ -۱-۱ -۲-۲-۱ -۱-۱-۱- ۲-۱-۲

کهڙي نہ اُتت آهي.

۲-۲- ۱- ۱-۱-۱ -۲-۲-

روڙو چڻِ ۾ لِڪِي ويٺو آهي،

۲-۲-۱-۱ -۲-۱-۲ -۲-۲ -۲-۲-

تاڙو مِري ڪِپي وَيو آهي.

۲-۲- ۱-۲- ۱-۲ ۱-۲-۲-۲-

۽ ڪويـلِ

۲- ۲-۱-۱-

ڪويل نہ ڄاڻان ڪهڙي ديس وَڃي

۲-۱-۱-۱ -۲-۲- ۲-۲ -۲-۱- ۱-۲

نِڪتِي آهي

۱-۱-۲- ۲-۲

فَقط هِي ڳجهُون،

۱-۲-۲-۱-۲-

ڏُونڏَ ڪي ڪائِي رَهيو آهن،

۲-۱-۲-۲-۲-۱-۲-۲-۲-

اُنَهنِ جي ٻُڪَ ڻِي نہ تي مَري.

۱-۱-۱-۲-۱-۱-۲-۱-۲-۱۲-

(شيخ اياز)

چمپو ڇند استعمال ڪرڻ لاءِ ماترڪ انداز اپنائبو آهي ۽ هن ڇند ۾ ماترائن جي ڳڻپ فني استعمال ڪرڻ لاءِ آهي.

ماترڪ سَنکيا، ماترائن جي ڳڻپ جو نالو آهي، جيئن مٿين نثري نظم ۾ ماترڪ سنکيا جو مثال ڏنل آهي.

سنڌي شاعريءَ جي قاعدي ۽ اصول جو نالو ڇند وديا آهي ۽ هن وقت ڇند وديا جو استعمال ماترڪ ڇندن ۾ جام ٿئي ٿو ان ماترڪ ڇندنِ جي اچڻ کان اڳ قديم سنڌي شاعري ڳل جي اصولن تي ڪئي ويندي هئي. ڳل جو بنيادي اصول هي آهي تہ اکر يا ماترا جي آوازي سرشتي تي بيٺل نہ آهي پر ڳل لفظ جي آوازي بيهڪ تي ٻڌل آهي. لفظ کي ٻن کان وڌيڪ پدن ۾ توريو يا ماپيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظ گُرو پد ۽ لفظ ۾ لگهو پد تي پرکيو ويندو هيو پر علم پنهنجي ارتقائي اصول ۾ ماترڪ سرشتي ۾ جاري ساري آهي ۽ جديد شاعراڻي اصول ۾ ماترڪ ڇند متعارف ڪرايا ويا آهن.

پاڻ ڪل واري علم يا اصول جي بنيادي بيهڪ کي سمجهنداسين.

- **ڇند** : پنگل، هنر، فن ، حرفت، ڪاريگري
- **وديا** : ڄاڻ ، علم ، گيان، ڪوش.
- **ڪل** : ماترا، اُچار، اکر. ت. تا، تي
- **ارڌو ماترا** : اڌ ماترا، ن گنون، زبرَ ،زير، واءُ حرف علت وارو ياءِ حرف علت واري الَف حرف علت وارو. اُون، اُن، تِ، تا، تي، يا، انڊن آيل اعرابن وارا نشان ارڌ ماترا آهن.
- **سُرُ** = اعراب يا (واولز) حرفِ علت سُرَ آهن. زبر، زير، پيش، مد، الف، واءُ، ياءِ، ن، نون گنون سنڌي ٻوليءَ جا سر آهن، جن جي مدد سان الفاظ يا اکر بامعنيٰ ٿي وڃن ٿا.
- **ننڍا سر** : زبر، زير، پيش ۽ نون گنون ننڍا سر آهن.
- **وڏا سر** : مَدُ، الف، واءُ، ياءِ وڏا سر يا واول آهن.
- **ننڍا لفظ** : آ،اِ، نہ، ٻہ، ڪِ، ءُ، تہ، ننڍا هڪ ماترا جا لفظ آهن يا لگهو ماترا آهن.
- **وڏا الفاظ** : سُون، کي، ڏيہ هُو هِي، ڇو وڏا لفظ ۽ ماترا آهن. جن کي سمر پد يا گرو ماترا چئجي ٿو.
- **ورن** : اکر يا لفظ آهي. اعراب اچڻ کان بعد پڙهيءَ ٿيل آواز کي ورن چئبو آهي. ورن بہ ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا لگهو ماترائي ورن، ٻيا گرو ماترائي ورن، يا ڊگها ورن ليکبا آهن.

- **پلٽ ورن:** هي ٽن ماترن جو لفظ آهي، جنهن ۾ هڪ لگهو ۽ هڪ گرو ٻه ماترا ورن گڏائي پلٽُ وَرَنُ جوڙيو ويندو آهي. رات، بات، ڏنو ٻڌو جهڙا الفاظ پلٽ ورن ليکيا ويندا آهن.
- **ڪل :** هڪ ماترائو لفظ يا اکر، جنهن کي لگهو ماترا، يا وشم ماترا، يعني اعراب واري متحرڪ ماترا چئبو آهي. اهو هڪ ماترا گُنُ ٻه آهي. اَ،اِ، اُ، اُن وغيره اهي هڪ ماترائي ڪلون آهن.
- **دوڪل :** ٻن ماترائن وارو لفظ آهي. ان جا ٻه قسم آهن. هڪڙيون لگهو ماترائي، يا وشم ماترائي ڪلون، ٻيون گرو ماترائي، يا سم پد ماترائي ڪلون آهن.
- **وشم ماترائي دوڪل:** هِتِ، هُتِ، لِکُ، پَڙهُ، هَلُ وغيره جهڙا لفظ يا اکر وشم ماترائي دوڪل آهن.
- **گرو پد يا سم پد واري دوڪل :** جو هُو تي، سان، سا، آن، آ، سين، يُون. جهڙا لفظ سم پد واريون ڪلون يا ماترائون ليکيون وينديون آهن.
- **ترڪل :** پلٽ ورَن وارين ڪلن کي چئبو آهي. جنهن جا ٽي نيم آهن. سَجَڻُ، هَلَڻُ، ڪِلَڻُ، سُنو مِنو سچو پڳو ٽِرِي، چري، رات، درد، سور، پور. جهڙا لفظ يا اکر، ترڪل ليکيون وينديون آهن.
- **وشم ماترائي پلٽ ورن يا ترڪل :** سِبَڻُ، ڪَتِڻُ، قلم، اکر، وتر. جهڙا الفاظ وشم پلٽ ورن لفظ آهن. جن کي گنن جي وچور ۾ ڏگن چيو ويجي ٿو.
- **گرو ۽ لگهو ماترن واري دوڪل:** چيٽ، ڪيٽ، دير، ٻير، سور، پور، آڍِ، گاٺِ. جهڙا لفظ هڪ سم پد يا گرو ماترائي پد ۽ ٻيو لگهو پد يا وشم ماترائي واري سناءَ سان ترڪل، يا پلٽ ورن، يا سارگن ليکي ويندي آهي. علم عروض جي قاعدي ۾ گرو دوڪل جو سناءَ فاع وزن ۾ اچي ٿو.
- **لگهو پد ۽ پد ميل واري ترڪل :** آچو ويو ٻُڌي، هلي، گرو لگهو. وڏا، جڏا. جهڙا لفظ نگن، پلٽ ورن ترڪل ليکيا ويندا آهن ـ علم عروض جي قاعدي ۾ گرو دوڪل جو سناءَ فعل وزن ۾ اچي ٿو.

- **چؤڪل** : چئن ماترائن وارين ڪلن کي چئبو آهي. جيئن اُسرڻ، نسرڻ، ايرڻ، آهي، ناهي، چيڙڻ، ووڙڻ، ڳولهڻ سٽيو اٽيور.لکيو چڙهيو پڙهيو وَغيره جهڙا اکر ۽ لفظ چؤڪل آهن. سنڌي ٻولي ۾ چؤڪل جا چار قسم آهن.

- **وشم پدن واري چؤڪل** : اُپِرَڻ، نِسِرَڻ، وِکِرَڻُ، چِچِرَڻ سَرِچَڻُ، پِرِچَڻَ. جهڙا الفاظ ۽ اکر وشم پد واري چؤڪل آهن. جن جو ڇندوِديا ۾ ڪو به گن نہ ڏنو ويو آهي.

- **سم پد واري چؤڪل** : آهي، ناهي، اوري، ڳولي، واٽو پاٽو اُوٽو سُوٽو. جهڙا اکر ۽ الفاظ چؤڪل آهن. ڇند وديا ۾ اهڙن لفظن لاءِ يَگَنُ گُنُ ڏنو ويو آهي.

- **وشم پدن ۾ سم پد واري چؤڪل** : آٽيو سَٽيو چَرکو سَؤلو آؤکو ڏکِيو ڦِرٽو ڦِرٽي، چَکِيو رَکيو وغيره جهڙا اکر ۽ الفاظ شَبدَ چؤڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ سَگَنُ گن آهي.

- **سم پد ۽ وشم پدن واري چؤڪل** : چاهِڻُ، پارِکُ، ساوَڻَ، لاوَڻُ، ڪيرِڻُ، پيرِڻُ، چورِڻُ، چائِتُ، پاکَرَ جهڙا شبد اکر ۽ لفظ چؤڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ ڪو به گن نہ آهي.

- **هڪ وشم پد هڪ سم پد ۽ وري وشم پد واري چؤڪل:** سَياءُ، رَچاءُ، ٻُلاءُ، اَٽاٽ، پُراڻ، اَچاڻ، سُياڻ، وِکارَ سُڪارُ ڏُڪارُ مڪارُ لُچاءُ. جهڙا اکر، شبد، لفظ چؤڪل آهن.

- **پنجڪل** : پنجن ماترائڻ وارين ڪلن کي پنج ڪل چئبو آهي. جنهن جا هيٺيان قسم آهن.

سياٽي، وِهاٽو وهاٽو وَسيلو وِچولو وِچاٽو اَڪيلو سَويرو آويرو وغيره جهڙا لفظ پنجڪل آهن. جن لاءِ يگن گُنُ ڇند وديا ۾ ڏنو ويو آهي. هڪ وشم پد ۽ بہ سم پد پنجڪل آهن.

لاءِ چند وديا ۾ ڪو بہ گن موجود ناهي. اهي آهن سنڌي ڪلاڪوش جون پنجڪل.

- **شنڪل يا ڇهڪل** : ڇهن اکرن يا ماترائن واري ڪوتا ڳلّ جيئن سوپارو ڪيڏارو سامارو ڏانداري، سانداري، پيراني، شوڪارو لاهيندو ڪاهيندو ساروٽي، باراٽي، آڪاٽي، جهڙا اکر يا الفاظ جن ۾ ٽي سم پد آهن. اهي لفظ چند وديا ۾ ٽگن گن سان مشهور آهن.

- **بہ لگهو پد بہ گرو پد وارو اکر يا لفظ شنڪل يا ڇهڪل:** جيئن ترِڪاري، برَساتي، پرچاٽِي، گڏجاٽي، شرميلو ڪَرَلاھُو ٽَرسارو وَرَسارو يَڪتارو لهوارو ڪَرِچارو وَسِڪارو هَرِجاٽو ڳِٽِهارو. جهڙا اکر ۽ الفاظ ڇهڪل آهن. جن لاءِ چند وديا ۾ ڪوئي گن ناهي.

- **بہ گرو پد بہ لگهو پد وارا اکر** : ڏيڪارٽ، سيڪارٽ، ويڙهائٽ، چيڙائٽ، ليلائٽ، پيلائٽ، ڪيرائٽ، اوپارٽ، بوڏارٽ جهڙا اکر ۽ الفاظ ڇهڪل آهن. جن لاءِ چند وديا ۾ ڪوئي گن موجود ناهي.

- **هڪ وشم پد هڪ سم پد ۽ وري هڪ وشم پد ۽ هڪ سم پد اکر ۽ الفاظ** : جيئن اَگهوتري، سٽيپري، سڪارُتو اَڪارتو ملوڪٽي، سرائڪي، وچاندري، اَڳاندِري، پڇاڙِڪي، چمارڪِي، وڏاندِري، اُباٽڪِي، پَناٽڪو پڏارجو وڪارِجو ٻهارِجو ڪَٽائجو لُٽائجو ٻرائجو چوائجو ڀُلائجو وڏائجو. وغيره جهڙا اکر ۽ الفاظ ڇهڪل آهن- جن لاءِ چند وديا ۾ ڪوئي گُنُ ناهي.

- **هڪ سم پدم هڪ وشم پدم وري هڪ سم پد ۽ هڪ وشم پد :** جيئن لاسراتِ، سيڪڙاتِ، پاٽِياتِ، لُوٽِياتِ، هِنگلاجُ، ڪنڌ ڪوٽ، شورڪوٽ، چيچراٹُ، ڪيڪراٹُ، سوپراج، رام داس، نوڪُدارُ لوڪ گيت، ساڪِياتِ، واهياتُ، موڪِراٹ، ويڪراٹ، ياڳَوَندُ، نِيل ڪَنٹُ، راج گهاٽ وغيره جهڙا اکر ۽ الفاظ ڇهڪل آهن. جن لاءِ چند وديا ۾ ڪوئي گُنُ موجود ناهي.

• **هڪ وشم پد ۽ ٻہ سم پد وري هڪ وشم پد وارا اکر يا الفاظ چهڪل :** جيئن پڙهايوم، لکايوم، چيومانسِ، ويومانس، ڏنائونسِ، وتائونسِ، ڏنوهوم، ڏنوهوم، رکايوم، وسايوم، پچايوسِ، وَتائونسِ، لکايونِ، ٻڌايونِ، ٻَتايونِ. جهڙا اکر ۽ لفظ شتڪل آهن. جن لاءِ چند وديا ۾ ڪوئي گُڻُ موجود ناهي. شاه سائين جن جي رسالي ۾ چهڪل واري لفظن جو استعمال، ماترڪ چند ۾ گهٽو تيل آهي.

• **ست ڪل :** ستن ماترائن واري لفظن کي چيو وڃي ٿو. سنڌي ڪلاڪوش ۾ ۽ ماترڪ چند ۾، توڙي ورنڪ چندن ۾ ست ڪل جو استعمال گهٽو تيل آهي.

• **ٽي سم پد ۽ هڪ وشم پد وارا الفاظ :** جيئن آندو هوم، پاڙهيندوم، ڪيڙايوسِ، ڦيرايوسِ، هيرايوسِ، آٽايوسِ، پيلايون، ٻولايوسِ، ڪولايوسِ، چاڙهايونِ، ڪيڙايونِ، تيڙايونِ، آندائونسِ، لاٽائونس. اهڙا اکر ۽ الفاظ ستڪل آهن. جن لاءِ چند ۾ ڪو بہ گُڻُ ناهي.

• **ٻہ سم پد، هڪ وشم پد ۽ هڪ سم پد واري ستڪل :** ڏيکارِيو سيکارِيو اوجارِيو ٻوڏارِيو سيڙائِيو پيڙائِيو ڪيڙائِيو والارِيو پالائِيو ساراهيو. جهڙا اکر ۽ الفاظ ستڪل آهن. جن لاءِ چند وديا ۾ ڪو بہ گُڻُ ناهي.

• **هڪ وشم پد ۽ ٽي سم پد واري ستڪل :** پڙهائيندو لکائيندو وتائيندو چِتائِيندو کِلائيندو ٻڌائيندو رهائيندو سَهائيندو ڪُتائِيندو سَٿائيندو اُجارِيندو اُيارِيندو اَجهاَئيندو. وغيره جهڙا اکر ۽ الفاظ ستڪل آهن. چند وديا ۾ انهن شبدن لاءِ ڪو بہ گُڻُ موجود ناهي.

• **هڪ وشم پد، هڪ سم پد، هڪ وشم پد، وري سم پد ۽ آخر ۾ وشم پد واري ستڪل :** ٻڌائِيوم، پڙهائيوم، لِکائيوم، رَهائيوسِ، هَلائِيوسِ،

ڪلائِيوسِ، ٻُهارِيوسِ، اُٽاريوسِ، پُڪاريونِ، ڏِڪارِيونِ، وسارِيومِ، نِڪارِيومِ. جهڙا اکر ۾ الفاظ ست ڪل آهن. ڇند وديا ۾ انهن لاءِ ڪو بہ ڳڻ ناهي.

- **هڪ سم پد، هڪ وشم پد، ٻہ سم پدن واري ستڪل** : پاٽِيارِي، ڪاٽِيارِي، لوڻِيارِي، ڳورَهاري، لاڙِڪاڻو، مالِڪاڻو، چوڪِراٽو، ساڪِياتي، باگِراٽي، جوڳِياٽِي، وارِياسو. وغيره جهڙا شبد ۾ الفاظ ستڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ ڪوئي ڳڻُ موجود ناهي.
- **ٻہ وشم پد، ٻہ سم پد ۽ هڪ وشم پد واري ستڪل:** پَڙِڪايومِ، تَڙِڪايوس، چِرِڪايوسِ، ٻِرِتايوسِ، پَرِٿايومِ، ڪَڙِڪايوسِ، ڇَتِڪايونِ، لَڙِڪايوءِ، تَڙِڪايوءِ، اٽِڪايوءِ، اُلٽايوءِ، اُلِٽائِينسِ، سرچائِيسِ، لِڪِرائِينسِ، ڇترايونِ، گهترايوسِ، ٻِڙهرايومِ، ڇَپِرايونسِ. وغيره جهڙا ٻول ۾ لفظ ستڪل آهن. جن جو ڇند وديا ۾ ڪوئي بہ ڳڻُ نہ ٿو ملي.

- **اٺ ڪل:** اٺن ماترائن واري ڪلَ، يا ٻول

- **سم پدن واري اٺ ڪل** : سيڪاريندو ڏيڪاريندو جهُونگارِيندو ٻولائيندو ڳولائيندو ساراهيندو واڪاٽِيندو ڳالهائِيندو موٽائيندا، هاڪاريندو. وغيره جهڙا ٻول ۾ لفظ اٺڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ ڪوئي ڳڻُ موجود ناهي. پر شاهہ سائين جن وٽ اهڙا لفظ رسالي ۾ ڪل وديا جو حصو آهن.

- **ٻہ شم پد ۽ ٽي سم پدن واري اٺڪل** : مثال. لِڪِرائيندي، پَرِچائِيندي، سَرِچائِيندِي، نُڪرائِيندي، مَچِرائيندو، پِهرائيندي، ڇِرِڪائيندي، مَچِرائيندي، پَڙِڪائيندو، ڪَڙِڪائيندا وغيره جهڙا لفظ ۾ شبدَ اٺڪل آهن.

- **ٻہ وشم پد، ٻہ سم پد وريِ ٻہ وشم پدن واري اٺڪل** : مثال. پَرِچائِيندُمِ، ٻُڌُرائِيندُمِ، سَڌِ رائِيندُسِ، پُڇِرائيندَنِ، لِڪِرائيندنِ، وَڃِرائيندَمِ

وَنِرائيندَنِ، سَهڙائيندُسِ، مَجِرائيِندَسِ، نِڪِڙائِندَنِ، مَترائِيندُسِ. وغيره جهڙا شبد ۾ لفظ انڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ ڪوئي ڳڻ موجود ناهي.

- **هڪ وشم پد اڳيان، ٻي سم پد وچ ۾، هڪ وشم پد پويان واري انڪل** : مثال. پڙهايومانسِ، لکايومانس، ٻڌايو مانِ، چوايو مانِ، ڏمايوهومِ، سُٽايوهونِ، جلايوهوس، ڪُتايوهونِ، ٻچايوهوس، پَچايوهونِ، سَمايوهومِ، ڪمايو هونِ، ڪپايو هومِ. وغيره هم الفاظ ۾ شبد انڪل آهن. جن لاءِ ڇند وديا ۾ ڪوئي ڳڻ نہ ٿو ملي.
- **هڪ سم پدِ، هڪ وشم پدِ، وري ٻہ سم پد پويان وشم پد واري انڪل:** مثال. سانڍِيوهونِ، ڪانڍيوهومِ، پالِيوهونِ، جالِيوهوسِ، تارِيوهونِ، مارِيوهونِ، واريوهومِ، ٻارِيوهونِ، نارِيوهومِ، ڳارِيوهونِ. وغيره جهڙا اکر ۾ الفاظ انڪل آهن. جن لاءِ ڪوئي ڳڻ نہ ٿو ملي.

شاه سائين جن جو سنڌي ڪلا ڪوش سڄي سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ موجب ڪم آندل فن آهي. جنهن جو خلاصو سامعين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

- **ٻہ سم پدِ، هڪ وشم پدِ، وري هڪ سم پد ۾ آخر ۾ وشم پد واري انڪل** : مثال. ٻوڏاريوسِ، اوپارِيوسِ، جهُونگاريومِ، هونگارِيونِ، سيڪاريومِ، ڏيڪارِيومِ، هاڪارِيوسِ، ٻاڪارِيومِ، ساراهيوُنِ، ڪارائِيُونِ، هارائيوُنسِ، سينگارِيونسِ، وِيچارِيومِ. جهڙا اکر ۾ الفاظ انڪل آهن. جن لاءِ ڪوئي ڇند جو ڳڻ نہ ٿو ملي. سنڌي ڳل ڪانسواءِ.
- **چار وشم پد ۾ ٻہ سم پدن واري انڪل** : مثال. ڇِٽِڪڻَ ڪاٽِيِ، سُرِڪڻِ ڦاهِيِ، سَرِجَڻَ هارِيِ، برهَمَ چارِيِ، نَوَتڻ ٻازِيِ، نِسِرَڻَ واريِ، ترِڪڻَ تالِيِ، ڇوُسَرِ ٻازِيِ، نِٿَهَرِڻِ ڏارِيِ، گَجِگَجِ ڪارِيِ جهڙا اکر ۾ الفاظ انڪل آهن. جن لاءِ انڪل سواءِ ٻيو ڪو ٻہ فني ڳڻ موجود ناهي.
- **نوَڪل** : نون ماترائن واري اِڪائِي يا لفظ يا ٻول.

- **ٻہ وشم پدم ٽي سم پد ۽ هڪ وشم پد واري نَوڪل** : مثال. لِڪرايومانسِ، لِڪرايومانِ، چَورِايو سُونسِ، چَورِايوسُونِ، ڪرٽڪايوهومِ، ڇڪِرايومانسِ، ٻُدِرايوهونِ، ٻُدِرايوسُونِ، هِرِسايوسُونِ، پرچايومانِ، پرچايوسونِ، سَرچايوهومِ. جهڙا اڪر الفاظ يا ٻول نَوَڪل آهن. نوڪل بنا ٻيو ڪو بہ فني گُنُ موجود ناهي.

- **چار سم پد ۽ هڪ وشم پد واري نَوڪل** : مثال. ٻولايومانِ، ڳولايومانسِ، ڦيرايوسُونِ، اوچايوسُونِ، موچايومانِ، ڪيڙايوهونِ، ڪارايومانسِ، پارايوهونِ، پارِيدِيسانِ، وارِينديسانِ، ڳولِنداسُونسِ. جهڙا اڪر ۽ الفاظ نَوڪل آهن.

- **هڪ وشم پد ۽ ٽِئن سم پدن واري نوڪل** : مثال. لِڪائيندامِين، ٻُڌائيندامِين، هَٽائيندااها، ڪِلائيندوهو پڙهائيندااسي، رُئاريندو آ، ٻُلائِيندو آ، مَچائيندوهو رَچائِيندااسُونِ، وِچائِيندااسُونِ. جهڙا اڪر ۽ الفاظ نوڪل آهن.

- **هڪ وشم پد ٽي سم پد وري پويا ٻہ وشم پد واري نَوڪل**: مثال. پَڙهائيندوتَمِ، پڙهائيندوهُسِ، لِڪائيندوهُمِ، ڳٽايوهُوندومِ، ٻڌايوهوندُوَ سُٽاَيوهُومِ، پچايوهوندُءِ، لِڪايوهوندُمِ، سُچاٽيندوتَمِ، سُچاٽيند هُمِ. هي نو ڪل ٻول آهن.

- **ٽي سم پدم هڪ وشم پدم وري هڪ سم پد واري نَوڪل**: مثال. ميسارِينديُون، ڏيڪارِيندِيُون، سِينگارِيندِيُون، ٻِيهارِينديُون، پوچارِيندِيُون، اوچائينديُون، روڪائِيندِيُون، چاڙهائِيندِيُون، پارائِيندِيُون، ڪارائِيندِيُون، تارائِيندِيُون، ڳولائِيندَئو ڪولائِيندَئو ڪيڙائيندَئو ميڙائِيندَئو. جهڙا اڪر ۽ الفاظ نَوڪل آهن. سواءِ ڪَل ماترا جي ٻيو ڪوئي گُنُ اهڙا الفاظن لاءِ فني ڪتابن ۾ ڪونہ ٿو ملي.

- **ٻہ وشم پدم ٻہ سم پدم وري هڪ وشم پد ۽ آخر ۾ هڪ سَم پد واري نَوڪل**: مثال. ٻُهچائينديون، ٻِهرائينديون، نُهرائينديون، نڪرائينديون،

ڳھرائيندیون، لھرائيندیون، ونرائيندئو لکرائيندئو سکرائيندئو کھرائيندئو پڙڪائيندئو ڳھرائيندئو ڇڪيائيندئو مرڪائيندئو وغيره جهڙا اکر ۽ الفاظ سواءِ ڪل ماترا جي ٻيو لاءِ ڪو نہ ٿو ملي.

- **هڪ وشم پد، ٻہ سم پد، هڪ وشم پد، هڪ سم پد ۽ آخر ۾ هڪ وشم پد واري ٽوڪل:** مثال. پڪاريندياس، ٿڪاريندياس، لکائيندياس، پڙهائيندياس، سڏائيندياس، وڏائيندياس، هلائيندياس، چوائيندياس، رکائيندياس، ڪڙائيندياس، پرائيندياس، وٺائيندياس، ڇڪائيندياس. جهڙا اکر ۽ الفاظ نوڪل آهن. ڪل ماترا کان سواءِ هنن لفظن جو ڪوئي ڳُڻ ڪونهي.

- **هڪ وشم پد، هڪ سم پد، هڪ وشم پد، وري هڪ سم پد، وري هڪ وشم پد وري سم پد ۽ آخر ۾ وشم پد واري نوڪل :** مثال. سَڏائِجندياس، پُڇائِجندِ ياسِ، ٻُڏائِجندِياسِ، پڙهائِجندِ ياسِ، پُڪارِجندِياس، خمارِجندِياسِ، وِسارِجندِياسِ، اُچارجندِياسِ، ڳِٽائِجندِياسِ، ٻُٽائِجندياسِ، سَمائِجندِياسِ. جهڙا اکر ۽الفاظ نَوڪل آهن. اهڙن الفاظ لاءِ ٻيو ڪوئي ڳُڻُ نہ ٿو ملي.

- **ٻہ سم پد، هڪ وشم پد، هڪ سم پد ۽ ٻہ وشم پد واري نوڪل :** مثال. سنيالجندَڙُ سيکارِجندَڙُ سيکارجندُنِ، ڏيکارجندُو ويچارجندَڙُ جهُونگارِجندَڙُ ٻُونگارِجندَڙُ ٻُو ساتِجندَڙُ ٻولائِجندُو ٻاڪارِجندَڙُ ويڙهائِجندُنِ، سيبائِجندُن، ويساهجندُنِ، ڦيرائِجندَڙُ سِيڙائِجندُنِ، پيڙائِجندَڙُ جهڙا اکر ۽ الفاظ نوڪل آهن.

- **ٻہ وشم پد، هڪ سم پد، هڪ وشم پد، هڪ سم پد ۽ ٻہ وشم پد واري ٽوڪل :** مثال. لِکرائِجندُنِ، لِکرائيجندَڙُ ٻُڏرائِجندُنِ، پهرائِجندَڙُ لَهرائِجندُنِ، وَنرائِجندُنِ، پُڇرائِجندُنِ. جهڙا شبد ۽ لفظ نوڪل آهن.

- **ڏهڪل:** ڏهن ڪلُنِ يا ماترائن وارو لفظ يا ڪلَ يا ٻولُ.

• **لگھوپد** : ننڍو پَدُ، جيئن:

ساجَنَ ڪارَڻِ سُڄَ ، مَرُ قَبولي سَسُئِي،
اَندَرِ جَنِي اُڃ، پاڻِي اُڃِيؤ اُنَ کي.

(شاه) (سسئي آبري)

ساجَنِ ڪارَڻِ سُڄَ، بيت جو لگھو پد، يا چَرَنُ آهي.

## ڇيد ڏهڪل جو.

چؤڪلَ چوڪل دوڪل
4 + 4 + 2 = 10 ڏهڪل

• **گروپد** : وڏوپَدُ بيت جو جيئن ساڳي بيت جو ٻيو پَدُ، مثال طور ڏجي ٿو.

مَرُ قَبُولي سَسُئِي،
دوڪل پنجڪلُ چؤڪل
2+ 5 + 4 = 11 ماترا يا ڪلون

• **چَرَنُ** : پَدُ، پادُ، پيرُ، پاڱو جيئن مٿين بيت جا پد سمجھايا ويا آهن.

چَرَنُ : مصرع يا سٽ، مثال

ساجن ڪارڻ سڄ، مرُ قبولي سسئي.

بيت يا سورٺي جي پوري سٽ يا مصرع، جيئن تہ اها مصرع بہ سورٺي بيت جو هڪ چَرَنُ يا پَدُ آهي. هڪ سِٽ آهي، بيت مڪمل نہ آهي.

• **يت يا وسرام** : ساهي. جيئن " " بيت يا مصرعي جي پوري ٿيڻ پڄاڻان نشاني ڏبي آهي. ساهي يا ڏمر ۽ اڌ دمر جون نشانيون نہ ڏبيون تہ پڙهڻ واري کي ڏکيائي ٿيندي.

سنڌي ڪوتا ڪوش ۾ گُڻَن جا چار ورن يا نيم آهن.

### پهريون وَرَنُ

مَگَنُ، 2 + 2 + 2، مَفعوَلُن، هاڪارو ڇهڪل، 6 ماترا.
يَگَنُ 2 + 2 فَعلُن، خاڪو چؤُڪل، 4 ماترا.
سمر پد 2 فَع، جو دوڪل، 2 ماترا

**ٻيو وَرَنُ**

سَگُنُ، 1 + 1 + 2، فَعلُن، اُجُرو، چؤڪل، 4 ماترا

وشم وارو ماترائن سَگُنُ 1 + 1 + 1 + 1 فَعِلُنُ، اُسُرَڻُ، چؤڪل 4 ماترا

ڏگن 1 + 1 + 1 فَعَلَ، سَڄَڻ، ترڪل 3 ماترا

**ٽيون وَرَنُ**

يَگُنُ يگُنُ 1 + 2 + 2، فَعولُن سگهارو پنجڪل 5 ماترا

رَگُنُ 2 + 1 + 2، فاعَلُن، سادِگِي، پنجڪل 5 ماترا

ٿگُنُ 2 + 2 + 1، مَفعولُن، سَنسارُ پنجڪل 5 ماترا

**چوٿون ورن**

نَگُنُ، 1 + 2، فَعَل، گهٽو ترڪل 3 ماترا

سارَگُنُ 2 + 1، فاع، رات، ترڪل 3 ماترا

جَگُنُ، 1 + 2 + 1 فَعُولُ، پُڪارَ، چؤڪل 4 ماترا

- **سَم پد:** جو جا، چا، چو، جهڙا اکر الفاظ آهن.
- **وشم پد :** آ، اِ، اُ. جهڙا اکر ۽ الفاظ آهن.
- **ارڌ ماترا :** اڌ ماترا يا زير، زبر ۽ پيش يا حذف ڪرڻ جهڙن اعرابن کي چئبو آهي.
- **پنگ دوش :** لس لکيل لکت کي چئبو آهي.
- **وَرَنُ :** اکرن ۽ لفظن کي بہ چئبو آهي.
- **لگهو يا هرسُو ورن :** متحرڪ اکرن کي بہ چئبو آهي.
- **گرو يا ڊگها ورن :** سمر جهڙن لفظن کي چئبو آهي
- **پلت ورن :** گرو، لگهو ميل وارا لفظ آهن. مثال جيئن رات، گهٽو سکڻ وغيره

# شاهہ لطيف جي واين جا قافيا

چندودِيا اوائلي شاعريءَ جي قانون ۽ نظام جو نالو آهي، چند وديا اهو مقامي شاعراڻو قانون آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سچي آوازي مخرجن، لهجن، لفظن کي پاڻ ۾ سمائي پيش ڪرڻ وارو عالمي نظام آهي، جن جن بہ استادن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو مطالعو غور سان ڪيو آهي، انهن کي اها معلومات آهي، تہ چندوديا ۾ شاهہ جي رسالي جون ٽُڪون، يا قافيا جيڪي پيش ڪيل آهن، اهي لساني طور تي ڀي، ايچ ڊي جي مقالي جيترو معنوي، صرفي، نحوي مواد جي علمي خزاني سان ڀرپور آهن.

شاهہ جي رسالي ۾ جيڪو پهريون قافيو ''سُر ڪلياڻ'' جي پهرين وائيءَ ۾ ڏنل آهي. "پُوڄي". پُوڄي لفظ ٻن آوازي پدن وارو لفظ آهي، جيڪو ٻن سم پد آوازن جو مجموعو آهي، "پُو" ۽ "ڄي". ٻئي مردف اُچار آهي.

ٻي وائيءَ جو قافيو آهي "مُون" اهو بہ مردف اُچار وارو اڪيلو لفظ آهي.

ٽين وائيءَ جو قافيو آهي "طبيبُ". جيڪو وشم پد، يا متحرڪ حرف تي آڌاريل آهي.

چوٿين وائيءَ جو قافيو آهي، "ويچارا" هي "را" جي مردف ماترا وارو قافيو آهي.

پنجين وائيءَ جو قافيو "لَهيج". يا لَهيجُ وارو آهي، جيڪو متحرڪ حرف روي وارو قافيو آهي.

ڇهين وائيءَ جو قافيو آهي "هاريو" 'يو' جي مردف آواز وارو قافيو آهي.

سَتين وائيءَ جو قافيو "آئيو" آهي، اهو بہ 'يو' جي مردف آواز وارو قافيو آهي.

اٺين وائيءَ جو قافيو "وَڃَنِ" لفظ جا قافيوس آهي، جيڪو متحرڪ آواز "نَ" تي آڌاريل آهي.

نائين وائيءَ جو قافيو "تمام" لفظ وارو آهي، جيڪو حرف روي تي ٻڌل آهي.

ڏهين وائيءَ جو قافيو لفظ "ويڻ" وارو آهي، اهو بہ حرف روي وارو قافيو آهي.

يارهين وائيءَ جو قافيو لفظ "وَڃي" وارو آهي، جيڪو ردف واري ماترا تي مبني آهي.

ٻارهين وائيءَ جو قافيو "فِراق" لفظ وارو آهي، جيڪو حرف روي تي بيٺل آهي.

تيرهين وائيءَ جو قافيو "ضرور" لفظ وارو آهي، جيڪو حرف رويءَ تي بيٺل آهي.

ايئن ڇندوديا سنڌي ٻوليءَ جي سمورن الفاظن کي پنهنجي دامن ۾ سمائي پيش ڪرڻ واري قانون جو نالو آهي. ايئن هڪ (1) ماترا وارن لفظن کان وٺي نون (9) ماترا وارن لفظن تائين جو وڏو ذخيرو وائين ۽ بيتن ۾ موجود آهي.

"بيت" جا چار قسم جيڪي شاهہ سائين جن رسالي ۾ ڏنا آهن، جديد سنڌي شاعري بہ انهن بيتن کي ڪم آندو آهي. قاصي "قادن" ۽ شاهہ ڪريم جن جا، جيڪي بيت شاهہ سائين متروڪ ڪيا تہ اهي بيت اڄ بہ متروڪ ٿيل آهن.

"ڇندن" جو وافر مقدار شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهي، هن ڪتاب ۾ ڪلاسيڪل، جديد واين ۽ بيتن جو گڏيل مواد ڪتاب جي زينت آهي.

شاهہ سائين جي رسالي ۾ وائين جا ٿلهہ ۽ اولاٽا بہ درديلا، رس رسيلا، سڌن، واڪن ۽ پڙاڏن وارا آهن، ڇند وديا انهن کي بہ جيئن جو تيئن پنهنجي دامن ۾ جاءِ ڏني آهي:

- "اُچي سارَ لَهيجُ!

ساجن! سُورَ تماري آئون مارِي"!

- "جِيُ جِئارِئو جِيُ جِئارِئو

منهنجو جِيُ جِئارِئو"

■ "يارَ سَجَڻ جي فِراق،
ڙِي جيڏِيون! آئون مارِي"

■ آهِينِ ڳالِڙيُون،
ماءِ! مُرادون پِرِيَ سين"

■ "توڻي ٽَڙِيين تون،
يا اَلا! تو دَرَ توءِ نہ ڇڏِيان"

■ ڪَنڌِي ساريان ڪانہ يا اَمُنُ: امانَ،
يا اِلاهِي! ہاجَهہ ہلاتي پائيان."

■ "آيل! ڪَرِيان ڪِيئَن؟
مُنهنجو نيهُہ اَپَلِيو نہ رهي."

■ مَدَتَ تِي ميهارَ! يارَ!
ساهَڙ! سائِرَ سِيرَ ۾"

■ آيَل! اَمَڙِ! تي جِيان،
لا! جي سارِينِم سُپرين."

○ "منهنجيُون سَيئِي آيَل! ماءِ:
مَنَ مُرادُون پُنِيَون"

○ "غَفلَتَ يارُ گَنوايو ہَڙِيَ! جيڏِيُون:
ڪِنءَ ڪَرِيَاَن آئون، ڪُهہُ ٿِيو؟"

○ "پَلَڪَ نہ رَهي دِل توري،
وَرُ مِيان! خان بلوچا!"

○ "دَردَ مُيَ جي جا دارُون،

ووا موٽ سڀاجها سُپرين"!

○ ڪَرَها مَ ڪاهِيو مِيان! ڪيچي!
آئون آرِياڻِيَ عَرضُ چُوندِي"

○ "جيڏِيُون! آئون تان نَہ چَوَندِي لوا!
ڏُکُ ڏوراپو سيڻن کي صريح، توا!

○ خُوبي مَنجهہِ خِفَتَ، اي! دوست، دِقَتَ،
آهي عَبدُاللطيف کي."

○ "اَچِي لالَڻ! لَتِ، مِيان!
مُيَ جو لوڙُهہ لَکِنِ ۾."

○ ڏاگهن ڏيرَنِ ساڻُ، ڪَرَهَنِ ڪيچن ساڻُ،
مَتان ڪا ٻي لَنءِ لائي."

○ "شادِيَ جو سينگارُ آيَل!
آيَلِ! مَرڪُ مُنهنجو مُون پِرين"

○ "مُنهنجِي حُجَتَ ناهي واتَ، ڪانهي واتَ،
جِيجا ٿَنِ جَتَنِ سين"

○ "ٻاروچا ٻَلَئِہ لڳي آهِيان!"
"آيَلِ! وِهان ڪِنءَ ينيورَ ۾؟"

○ "آيل! آيَل! لَڳُمِ ٻاڻُ ٻروچَ جو"
وَسان تي وياسَ

○ "آءُ پِرين! گهرِ پيهي مِيان چَنيسَرَ!"
هارُ هتان مون پيڏيو

○ "آءُ راڻا! رَهُہ راتِ،

تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چاريار."

○ "مُون کي رويو راتِ وِهاءِ،
عُمَرَ! مِيان سومرا!"

○ "مَتو ۾ کِنڪارَ يارَا!
ڏارڻُ ڏِيندو سَنءِ مَڱَّڻا".

○ "يا عَلي! عَلي! سِرِ يَتيِمن جي آئي"
"ماتامُ امامَنِ جو ڪَرِئو!"

○ "آئي مُندَ ملهارَ
آئون کُنهِبا ڪَنڌِيسَ ڪپڙا!"

اهڙا ڪيئي ٽلهه، اولاٽا، راز نياز ڇند وديا جي فن موجب شاهه لطيف سرجي سٽي رسالي ۾ شامل ڪيا. واڌو شيخ اياز جا ماترڪ ڇند ۽ ورنَڪ ڇند بہ هن ڪتاب جي متن ۾ شامل آهن.

"پانڌِي، وانجهِي، لاهِي، واڍو، ڪيلو، ماڪا، ڪاڪا" جهڙا لفظ سَم ماترائن وارا شبدَ آهن.

"ڪتابُ، وِصالُ، نِقابُ، اَصِيلُ، اُصولُ، وَقارُ" جهڙا لفظ هڪ وشم ماترا، ٻہ سَم ماترا، ٽين وَشم ماترا وارا فَعول وزن جا شبَد آهن.

"اچو وَڃو وِڃُون، ڪَلِي، پَرِي" جهڙا لفظ هڪ وشم ماترا ۽ هڪ سَم ماترا وارا شبد آهن، عروض ۾ فَعُو وزن وارا لفظ آهن.

"جو کي، ۾، ٿُون، مان، هُو هِي" جهڙا لفظ سم ماترا، يا وڏي ماترا وارا شبدَ آهن.

" لاکِيڻو ٿانئيڪو، ڳوناٽِي، راڳائي، واهيرا، آکيرا" جهڙا لفظ ٽن ٽن وڏين ماترائن وارا شبد آهن.

# شاعريءَ ۾ تنونن جي سجاڻپ ۽ استعمال

- واڪ جي نشاني ("   ")
- سوال جي نشاني ( ؟ )
- احساس جي نشاني ( ! )
- ڊيش جي نشاني ( _ )
- چوٿاڙ دم جي نشاني ( ' )
- اڌ دم جي نشاني ( ، )
- پوري دم جي نشاني ( . )
- بياني جملي جي نشاني ( : )
- وڏي ڏنگيءَ جي نشاني ([ ])
- ننڍي ڏنگيءَ جي نشاني ( ( ) )
- **زبر جي تنوين واري نشاني:**
  - تقريباً جي سچي صورت ٿيندي (تقريبن)
  - مثلاً جي سچي ۽ سنڌي صورت ٿيندي (مثلن)
  - حجاباً جي سچي سنڌي صورت ٿيندي (حجابن)
- **زير جي تنوين واري نشاني:**
  - ساءِ جي سچي ۽ سنڌي صورت ٿيندي (سائين)
  - تاءِ جي سنڌي صورت آهي (تائِين)
  - چياءِ جي سنڌي صورت آهي (چَيائِين)
- **پيش جي تنوين واري نشاني:**
  - آءُ جي سنڌي صورت آهي ( آئون)
  - ڏناءُ جي سنڌي صورت آهي (ڏنائُون)
  - چياءُ جي سنڌي صورت آهي (چَيائُون)
- **اِپي زير واري تنوين جي نشاني:**
  - ۾ جي سنڌي صورت آهي (مين)
  - ۽ جي سنڌي صورت آهي (اَئِن )

## • ڪوتا پَدَ:

دوھو

سَڄَڻُ نَہ آيو ساوَڻُ آيو، مُنو اَسان کي مِينهَن،
بادل برسِيا نيڻَ نَہ ترسِيا، نارَ وَهايا نينهَن.

پونر پري آڪاش (شيخ اياز)

## • ماترڪ ڳڻپ يا ڇيد:

مٿين مصرع.

سَڄڻُ نہ آيو ساوَڻُ آيو،

سَگنُ يَگنُ سَگنُ يَگن

۴-۴-۴-۴-١٦ ماترا گُرو پَدُ۔

مُنو اَسان کي مِينهن،

نَگُن يَگُن سارگُن

٣-۵-٣ = ١١ ماترا لَگهُو پَدُ.

ٻي مصري

بادَلَ بَرسيا نيڻَ نَہ تَرسيا،

سَگُن، سَگَنُ سَگُن سَگن

۴-۴-۴-۴ = ١٦ ماترا گُرو پَدُ

نارَ وَهايا نينهَن

سارگُنُ يَـگُن سارگُن

٣-۵-٣ = ١١ ماترا لَگهُو پَدُ.

## دوهي جا شاعرانا پد

پهرين مصرع.

اساسُ پَدُ : سَڄَڻُ نَہ آيو ساوَڻ آيو.

ٽُڪوارو پَدُ : مُنو اَسان کي مينهن،

ٻي مصرع.

بادل برسيا نيڻَ نَہ ترسيا،

ٻيو اساسُ پَدُ:

**نارَ وَهايا نينهَن**

ٻيو تڪوارو پَدُ ۽ پوري دم وارو پد.

## سورٺو بيت:

**جهوري پيئِي جهانَجهه، جيڏيُون مُنهنجي جيءَ کي،**

**سهڙِي آهي سانجهَه، جهجَندي جنهن جي جهانءِ ۾.**

پونر پري آڪاش (شيخ اياز)

## چيد

**جهوري پيئِي جهانَجهه،**

يَگُن يَگُن سارگُن

**۴-۴-۳ = ۱۱** ماترا _ لگهُو پَدُ ۽ تُڪوارو پد

**جيڏيُون مُنهنجي جيءَ کي،**

يَگُن، سَگُن، رگُن

**۴-۴-۵ = ۱۳** ماترا گُرو پَدُ _ ۽ مُڪت پد

ٻي مصرع جو چيدُ

**سهڙِي آهي سانجهَه،**

سگُن يَگُن سارگُن

**۴-۴-۳ = ۱۱** ماترا _ لگهُو پَدُ، اساس پد ۽ ٻيو تُڪوارو پد

**جهجَندي جنهن جي جهانءِ ۾.**

سگُن سگُن پد

**۴-۴-۵ = ۱۳** ماترا گُرو پَدُ، پَتي پد

**جهوري پيئِي جهانَجهه،**

بيت جو اساس پَدُ ۽ تُڪوارو پَدُ.

**جيڏيُون مُنهنجي جيءَ کي،**

مُڪت. يا آزاد پَدُ.

سَهڙي آهي سانَجهہ،

ٻيو تڪوارو پَدُ.

جهَجندي جَنهِن جي جِهانءِ ۾،

بيت جو پَهريون پَدُ ۽ پوري ٽَم وارو پد

## دوهي پَدَ وارو بيت

نَئين نَہ مُنهنجي ننڍڙي، چانڊوڪِيءَ کي چوءِ،
جاڳي جَلَندِي جِندُڙي، تَنُ مَنُ ايندِو توءِ،
سُور اَسان لَئہ سَوءِ، آندا جاڳَ جَهانَ ۾،

پونر پري آڪاش ( شيخ اياز)

## ڇيد

نَئين نَہ مُنهنجي ننڍڙي

جَگُن سَگُن رَگُن

۴ ۴ ۵ = ۱۳ ماترا گُرو پَدُ. اساس پد

چانڊوڪِيءَ کي چوءِ

مَگُن تگُن

٦ ۵ = ۱۱ ماترا لگهُو پد. تڪوارو پد

جاڳي جَلَندِي جِندُڙي،

يَگُن سَگُن رَگُن

۴ ۴ ۵ = ۱۳ ماترا گُرو پَدُ. ٻيو اساس پد

تَنُ مَنُ ايندو توءِ،

سگُن يَگُن سارگُن

۴-۴-۳ = ۱۱ ماترا ـ لگهُو پَدُ. ٻيو تڪوارو پد

سُور اَسان لَئہ سَوءِ،

سارگُن يَگُن سارگُن

۳-۵-۳ = ۱۱ ماترا لَگھو پَدُ. ٽيون ٽُڪوارو پد

آندا جاڳَ جَھان ۾

يگُن سارگُن جَگنُ سم پد

۴ ۳ ۴ ٦ = ۱۳ ماترا گُرو پَدُ - ٻِيو پد

شاعر اٹو خيال

نَئين نَہ مُنهنجي نِنڊ ڙِي،

اساس پَدُ.

چانڊوڪِيءَ کي چوءِ،

تڪِرارو پد

جاڳِي جَلَندي جِندُڙِي،

ٻيو اساس پَدُ

تَنُ مَنُ اِيندو توءِ

ٻيو تڪرارو پَدُ

سُورَ آسان لَئہ سَوءِ

ٽيون تُڪرارو پَدُ

آندا جاڳَ جَھانَ ۾

ٻَئي پَدُ پوري دَمَ وارو پد

## سورٺي ڇَنَد وارو بيت:

ڇَٽي پيئي ڇاتَ، سِتارِن جي سُونهَن جي،
ڪِرِٽَن ڪَئِي ڇَندَ جي، وَٽِن مَنجهان واتَ،
لُڇَڻَ لِڳي لاتَ، ڪائي مُنهَنجي رُوحَ ۾،

(شيخ اياز) پونر پري آڪاش

## ڇيد

ڇَٽي پيئِي ڇاتَ،
نَگَڻُ ڀَگَڻُ سارگَڻُ
۳ ۴ ۳ = ۱۰ ماترا. لگهُو پَدُ.
سِتارن جي سُونهن جي،
ڀَگُڻ سر پد رَگَڻُ
۵ ۲ ۵ = ۱۲ ماترا گُرو پَدُ
ڪِرِٽَن ڪَئِي ڇَندَ جي،
سَگُڻ نَگُڻ رَگُڻ
۴ ۳ ۵ = ۱۲ ماترا گُرو پَدُ
وَٽَن مَنجهان واتَ،
نگُن ڀَگُن سارگن
۳ ۴ ۳ = ۱۰ ماترا. لگهُو پَدُ.
لُڇَڻ لِڳي لاتَ،
نَگُن نَگُن سارگُن
۳ ۳ ۳ = ۹ ماترا. لگهُو پَدُ.
ڪائي منهنجي روح ۾
ڀَگَن سَگُن رَگُن
۴ ۴ ۵ = ۱۳ ماترا گُرو پَدُ

## شاعراڻو خيال

**ڇَٽي پيئي ڇاٽ،**
اساس ۽ تڪوارو پَدُ،
**سِتارن جي سُونهَن جي،**
مڪت پد
**ڪِرڻَن ڪَئِي ڇَندَ جي،**
بيو مَڪت پَدُ،
**وَٽَنِ مَنجهان واٽَ،**
ٻيو تڪوارو پَد،
**لُڇَڻَ لڳي لاٽ،**
ٽيون تڪوارو پد
**ڪائِي مُنهنجي رُوحَ ۾،**
بيت جو ٽِيِي پَدُ،

بيتن جي سلسلي ۾، دوھو بيت سَرسي ڇند ۾ آهي،
سورٺو بيت رولا ڇند ۾ آهي،
دوهي پد وارو بيت روپ مالا ڇند ۾ آهي،
سور ٺي پد وارو بيت راس ڇند ۾ آهي.

# ڇند وديا

ڇند وديا، ماترائن، ورنن، ورتن ۽ ڏنڊ ڪلا کي ڳُڻن، پدن موجب ترتيب وار ڳوِتا ۾ آڻڻ واري فن کي ڇئبو آهي، حقيقت ۾ هر ڇند هڪ بحر ٿئي ٿو هر ڇند جا، چرن توڙي پد جدا جدا ٿين ٿا، هر پد يا چرن ۾ مختلف ڳُڻ ٿين ٿا. ڇند سنڌي توڙي هندي ڳوِتا جو فن آهي، ڇند وديا جي لفظي معنيٰ آهي هڪ شعري ويسُ يا نمونو آهي.

شاعريءَ جي هن فن کي هندِي ٻوليءَ ۾ "هندي پنگل" چيو ويندو آهي، جيڪو سنسڪرت جي ڇند شاستر تي آڌاريل آهي، جيئن تہ هي فن پنگل رشي جي ايجاد سمجهيو وڃي ٿو اهو زمانو ٻہ سوءَ سال عيسوي سن کان اڳ جو چيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي ڇندن ۾ ڇند جا ٽي مکيہ قسم آهن، ورنڪ ڇند ڦهريون قسم آهي، هي قسم علم عروض جي بلڪل ويجهو آهي.

**سيڪا مومل، سيڪو راڻو،**

**پنهنجي ڪاڪ سين کي!** (شيخ اياز)

شيخ اياز چوپائي ڇند جي پوري پوري فنڪاري سان پنهنجي گيت ۾ جاءِ ڏني آهي، هي ڇند چوپائي آهي، هيءَ سٽا چوپائي چؤسٽي واري ناهي.

**ڪو سُپنو سرجي اُڀري ٿو،**

**هن تنبورن جي تارُن مان،**

**تون چندرما جي ناوَ جهلي،**

**ٿي نڪرين دور ستارن کان .** (شيخ اياز) وڄون وسڻ آئيون.

شيخ اياز جو هي نظم چوپائي ڇند ۽ چوپائي سٽاءَ تي پورو لهي ٿو نظم جو هر بند چوپائي سٽا ۽ ڇند ۾ آهي.

**اڙي چنڊ، اڙي چنڊ! پرين تو تہ ڏٺو ناهِ!**

**سندس روپ، سندس رنگ، ائين آهِ جيئن تون!**

(شيخ اياز) (ڪتاب: پونر پري آڪاش)

شيخ اياز جو هي ڇيڄ گرهه ڇند ۾ رچيل آهي، جنهنجو هر ڪل پدَ شتڪل تي آڌريل آهي. آخر ۾ ٻُو ڪلَ اٿس.

**ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو!**

**آءُ پرين! آءُ پرين، سانگ ڪري ڪو،**

**ڪانگ لنوين وو!**

وڄون وسڻ آئيون (شيخ اياز)

شيخ اياز جو هي ڇيڄ بہ ورنڪ ڇند ۾آهي!

ورنڪ ڇندن جي تعارف ۾ صرف ايترو باقي اڳتي وچور سان ذڪر ڪبو.

ماترڪ ڇند، هر ماترڪ ڇند جي مصرع يا سٽ ٻن ڪوتا پدن ۾ رچيل هوندي آهي.

## سورٺو بيت:

**رڻ يُومي، اڌ ٻانهن، مُندي جنهن جي ڇيڄ ۾،**

**ڏرتيءَ سانڍي دانهن، ڪُهہ ڇاڻان ڪنهن مَگَ جي.**

**١١+١٣ = ٢٤** ماترا، رولا ڇند. (شيخ اياز)(وڄون وسڻ آئيون)

هن سٽا جو نالو سورٺو آهي، پر هي ڇند 'رولا ڇند' آهن

## دوهو بيت

**آهي تنهنجيءَ ياد جي، اِئن گذريءَ ۾ گُونجَ،**

**آڪيري مان جئن وڃي، اُڏِري ڪائي ڪُونجَ.**

روپ مالا ڇند **١٣+١١ = ٢٤** ماترا. (شيخ اياز) پونر پري آڪاس.

دوهو بہ سٽا جي ڪري دوهو سڏيو وڃي ٿو دوهي جا بہ مختلف ڇند آهن.

وائي:

**ٿيندو تَن طبيب،**

**داروُن منهنجي درد جو.**

(شاهہ سائين)(سرڪلياڻ)

**١٠+١٣ = ٢٣** ماترا، سارڪا ڇند، ٢ وائي پد.

## سَوَيا:

كرها مَ كاهِيو، مِيان! كيچي!

آئون آرياڻِيَ عرضُ چوُندِي،

۱۷+۱۷= ۳۴ ماترا، سندر سَوَيا، ۲ وائي پد- سَوَيا ڇند آهي.

(شاهه سائين) سُر سسئي آبري

## ترينگي ماترائي:-

مُون ۾ تُون موجُودُ، آئون اَڳا هِين آهِيان،

آئون اَسونهين آهِيان،

(شاهه سائين)سُر سري راڳُ

ترينگي ماترائي- ۱۱+۱۳ + ۱۳ = ۳۷ ماترا- ۳ وائي پد- ترينگي ماترائي بہ ڇند آهي.

## شاهه دنڊ ڪلا:-

هي ڇند جو ٽيون نمونو آهي.

ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا اَمَن اَمانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجَهہ ٻِلاٽِي پائيان!

۲۱+۲۰ = ۴۱ ماترا ۲ وائي پد-شاهه دنڊ ڪلا ساهه سائين جو تيار ڪيل ڇند آهي.

• سرن جي مدد سان اسين آواز ۾ لفظ جوڙيون ٿا. زبر، زير، پيش، نون گنون، مَدُ، الف، واءُ ۽ ياءِ کي سُر سڏيو ويندو آهي.

• **ننڍا سُر:**- زبر، زير، پيش، نون گنون ننڍا سُر آهي،

**اَ** الف ۽ زبر وارو آواز اها ۽ وِشم ماترا آهي.

**اُ** الف ۽ پيش جي ملائڻ سان جو آواز وجود ۾ آيو اها ننڍي ماترا، يا وِشم ماترا آهي.

**اِ** الف ۽ زير جي ملائڻ سان جو آواز ٿهيو اُن ماترا کي ننڍي، يا وشم ماترا چئبو آهي.

• **وڏا سُر:**- مَدُ، الف، واءُ، ياءِ ٻوليءَ جي لحاظ کان حرف علت، يا وڏا سُر آهن.

آ، الف ۽ مَدَ جي مدد سان جيڪو آواز ٺهيو اُها وڏي ماترا، يا سم ماترا آهي. سا سين ۽ الف جي مدد سان آواز ٺاهيو ويو ان آواز يا لفظ کي وڏي ماترا چئبو ڇو تہ حرف صحيح ۽ حرف علت جي هڪ جيتري اهميت آهي، تنهن ڪري ان ماترا کي، گُرو ماترا/ سَم پد يا گُرو ورن چئبو آهي.

'جو' آواز جو 'جيم' ۽ 'واءُ' جي ميل سان سم ماترا يا گرو ماترا جڙي آهي. اي بہ الف ۽ ياءِ جي مدد سان آواز جڙيو آهي، اها بہ گرو ماترا آهي.

اُو هن آواز ۾ بہ اعرابُون يا نشانيون آهن، پيش ننڍو سُر آهي ۽ واءُ وڏو سُر، يا حرف علت آهي، ان ڪري، پيش واري اڌ ماترا ڇيد ۾ ترڪ يا حزف سمجهي ويندي.

اِي، آواز ۾ بہ زير کي اڌ ماترا جي حيثيت آهي، اُها بہ نہ ڳڻي ويندي، ڇيد ۽ انس جي بيان ۾ اڳتي هلي ڇڏ ڇوٽ وارن بابن ۾ اها وضاحت ڪبي.

سَم ماترا ۾ وشم ماترا جي ڳڻپ نَہ ٿيندي آهي. اِين، آواز ۾ بہ وشم ماترائون آهن، هِڪ زير، ٻيو نون گنون تنهن ڪري اُهي ٻئي ماترائون ترڪ ڪيون ويندیُون، اُون، آواز ۾ بہ مَٿيون قانون ڪم آڻبو پيشُ ۽ نون گنون ڳڻپ ۾ نہ ايندا.

• **اکر** – هر لفظ ۾ ٻَہ ٽي اکر ملائي لفظ جوڙيو ويندو آهي، اکرن ۾ هڪڙا وينجن اکر آهن ۽ ٻيا سُر يا حرف علت آهن، آوازن جي جوڙ جَڪ حرف علت ۽ اعرابن وسيلي ڪئي ويندي آهي، اکر کي ماترا بہ تڏهن چئبو جڏهن اُن سا سُر، يا حرف علت جو لاڳاپو جوڙيو . نَہ تہ خالِي وِينجَن ٻوليءَ جي آوازي قانون ۾ نہ ڳڻيو ويندو. لفظ ڇِني ۾ بہ آواز آهن، هڪ 'ڇ'، ۽ ٻيو 'نِي' انهن آواز جي مِلائڻ کان پوءِ پڌرو ٿيو لفظ ڇِنِي. هن لفظ ۾ هڪ وشم ماترا ۽ ٻي سَم ماترا آهي، ڳڻپ وقت وشم ماترائن ۽ سَم ماترائن جو خيال رکڻ گهرجي.

هن لفظ جو پهريون شبد پَدُ ’چِـ‘ آهي ۽ ٻيو شبد جو پَدُ ’نِي‘ آهي، هن لفظ جو ڇند ۾ ڳُڻُ نگُڻ آهي ۽ وَرنڪ ڇند ۾ هن لفظ جو ڪل پَدُ ترڪل آهي.

• **شَبد** ـ هڪ لفظ کي چئبو آهي، شَبدُ ٻچن ۽ ڳيچ کي ٻـ چئبو آهي، ڇند. هڪ لفظ يا شَبد آهي، اِن ۾ شامل ٻـ ماترا آهن، ٻَن سَم ماترا آهي ۽ ڏُ وشم ماترا يا اکر آهي، لفظ ڇند جو ڳُڻ، سارِڳنِ آهي، وَرنڪ ڇند ۾ ان جو ڪُل پَدُ ترڪل آهي.

**ڪَوتا شبد:**

”جَپ تُون جپ تُون گُروءَ جو نامُ،
سَتَ گُر سَت گُر سُندر شِيامُ“

(استاد پيرل قمبر)

استاد پيرل جو هي شبد چوپائي ڇند ۾ آهي، وَرنڪ ڇند آهي، هن شبد جي مُکڙي ۾ ٻـ پنڪتي پد آهن، هي ٻئي پنڪتي پَد ٽُڪوارا آهن. عام طور تي مُڪت ٽُڪ واري پَدَ. يا بنا ٽُڪَ واري پَدَ کي ٻـ پَنڪَتِي پَدُ چئي سگهُجي ٿو هي ٻئي پد سن مُک پد آهن.

**ڪَوِتا/ ڪَوِيتا:** هر شعر، بيت، وائي ۽ گيت کي ڪَويتا چئبو آهي.

روئڻ سان جي رهن ها سُپرين!
مان نيٹين نيرُ نَ روڪيان ها!

(شيخ اياز)"وڄون وسڻ آئيون"

شيخ اياز جو هِي گيتُ ٻِ چوپائي ڇند ۾ آهي، وَرنڪ ڇند آهي، هن ڪويتا ۾ ٻـ ٻَـ پَدَ آهن. اهڙن ڪَويتا پَنڪتي پَدَن کي مُڪتُ پَدُ ۽ تڪوارو پد چئي سگهبو هن ڳيچ جا ٻئي پد برابر، يا سَن مُک پَدَ آهن.

**ڪَوتا پَدُ:** هر ڪوتا جو ڇند جُدا ٿئي ٿو تنهن ڪري پَد ٻـ مختلف هوندا آهن، مُکيو پَدَنِ جا ٽي قسم آهي، لگهُو پَدُ، گُرو پد، ۽ سَن مُک پد، اهي ڪَوتا جا پد ليکيا وڃن ٿا.

کِهَڙي مَنجھ حِسابَ،
هُئڻ منهنجو هوتَ ري، لا!

(شاهـ سائين)سُر سهڻي

۱۱+۱۴ = ۲۵ ماترا۔ روپ ڪانت ڇند ۲ وائي پَد

"ڪهڙي منجهہ حساب" لگهو پَدُ. 'هُئڻ منهنجو هوتَ ريءِ لا!'' هي وائي جو گُرو پَدُ آهي، پهريون پَدُ لگهُو پد ۽ تڪوارو پد آهي، ٻيو هي پد گروپد ۽ اولاٽڪ پَدُ آهي.

- **سن مُک پَدَ۔**

**مدت تي ميهار! يارَ،**

**ساهَڙ! سائِـرَ سِيرَ مِ،**

(شاهہ سائين)سُر سهڻي.

**۱۳+۱۳= ۲٦** ماترا۔وشنو پَدَ ڇند

هن وائي جا ٻَئِي پَدَ سَن مُک ۽ برابر پَدَ آهن.اِئين ئِي شاهہ سائين جن جي هيءَ وائي بہ بَرابر پَدَن وارِي وائِي آهي.

**اَڪيون پيرَ ڪَرِي،**

**وَڃِجي! وو! وڃجي.**

(شاهہ سائين)سُر سُهڻي

**اَرَڌُ ڇند:** ۱۰+۱۰= ۲۰ ماترا، ۲ وائي پَدَ۔ هِن وائي جا ٻَئِي پد بَرابر پَدَ آهن.

- اَرڌ ماترا۔ اَرڌ ماترا، اَڌ ماترا کي چيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نُون گُنون اَرڌ ماترا آهن. ڇَند وديا ۾ ارڌ ماترا اُن اکر کي سَڏيو ويندو آهي، جنهن مان آواز تہ ورتو ويندو آهي، صورت خطي ۾ بہ اُهو اکر لکيو ويندو آهي، پَر ڇيد ۾ اُن اکر يا ماترا کي ڳڻيو نہ وِيندو آهي، جيئن لَفظ "اسان" ۾ نُونَ جي صوتي لغزش ورتي وڃي ٿي ۽ صورت خطي ۾ بہ لکيو وڃي ٿو پر ڇيدَ. يا تقطيعَ ۾ ان جو ماترڪ حصو ڳڻپ ۾ نہ آندو ويندو آهي. مثال:

جَلد اَچ، چنڊ رات آ مِنڙا،
هر خوشي بي ثبات آ مِنڙا.

(شيخ اياز)پونر پري آڪاش

3. چمپو هن لِکت کي سِنڌي ٻوليءَ ۾ نثري نظم چئبو آهي.

• **گڻ**- جيئن فارسي عروض ۾ افاعِيلَ يا رُڪن هوَندا آهن، تيئن چند ۾ گُڻَ ۽ ڳلون هونديُون آهن. يادِ رهي تہ ڇند وديا دنيا جي ڳوِتا قانونن ۾ اَوائِلي قانُون آهي. يونانِي توڙي عَربِي ۽ فارسي شاعريءَ جا قانون ٻوءِ جي پيداوار آهي، سنڌيءَ ۾ مُستعمل ڇند وِديا جا ڪُل ٻارهن گُڻَ ۽ سَت ڪلون آهن. ڇند وِديا ۾ ڇهن ماترن تائين گُن آهن. وڌيڪ مرڪب لفظن ۾ وري ڪل پَد آهن جيڪو احوال اڳتي ڏِنو ويندو.

ڇند وَديا ۾ مَگُن، يَگُن ۽ سَم پد گُن وَڏين ماترائن وارا گُنَ آهِن.

ماترا سَنکيا ۾اِهو احوالُ اَچي ڇُڪو آهي.

سِنڌي ڳوِتا ڪوشَ ۾ گُنَ جا چارِوَرَنَ آهن.

## پهريون وَرَنُ-

| نمبر | گُنَ جو نالو | نِشاني | عروضي رڪن | لفظي مِثال | ڳڻپ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1- | مَگُن | ٢٢٢ | مَفعُولُن | هاڪارو | ٦ ماترو |
| 2- | يَگُن | ٢٢ | فَعلُن | خاڪو | ۴ ماترو |
| 3- | سم پد | ٢ | فَعَ | جو | ٢ ماترو |

## ٻيو وَرَنُ-

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1- | سَگُنِ | ١١١١ | فَعلُنُ | اُسُرَڻُ | ۴ ماترو |
| 2- | ڏَگُن | ١١١ | فَعَلَ | سَجَرڻُ | ٣ ماترو |
| 3- | دَگُن | ١١ | فَعَ | آڪِ | ٢ ماترو |

## ٽيون وَرَنُ-

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1- | يَگُن | ٢٢١ | فَعُولُن | سگهارو | ۵ ماترو |
| 2- | رگُن | ٢١٢ | فاعلُن | سادگي | ۵ ماترو |
| 3- | تَگُن | ١٢٢ | مَفعُولُ | سَنسارُ | ۵ ماترو |

## چوٿون وَرَنُ-

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1- | نَگُن | ٢١ | فَعَل | گهٽو | ٣ ماترو |

2۔ سارگن ١٢ فاع رات ٣ ماترو

3۔ جَگَن ١٢١ فَعولُ پُڪارَ ٤ ماترو

## • ڳَل پَدَ ۾ ڳَل ماترائن جو وچور۔

**ڳل**: هڪ اکر واري لفظ کي ڳَل چئبو آهي، "نَہ" "مَ" "تَہ" "ہَ" "چَہ" "ہِ" هڪ ڪل وارا لفظ، آواز ماترا آهن.

• **دوڪل**۔ هَر ٻن اکرن وارو لفظ دوڪل سڏيو ويندو آهي. "اُج"، "سَپِ"، "هِڪَ"، "ڪو"، "جو"، "هُو" "هِي" دوڪل وارا لفظي آواز آهن.

• **ٽي ڪل** ٽن اکرن وارا لَفظ ٽي ڪل سَڏيا ويندا آهن. "گهَٽو"، "ٽِٽو"، "اَگهو"، "سَگهو"، "سَپَرُ"، "نِہَرُ" "راتِ"، "باتِ" لَفظ ٽي ڳل آهن.

• **چوڪل**۔ چَئن اکرن وارا لَفظ چوڳَل سَڏيا وَجن ٿا. "اُسِرَڻُ" "نِسِرَڻُ"، "ڳلامُ"، "ڪِتابُ"، "چارو"، "وارو"، "اُبِتو"، "سُبتو"، جهڙا لَفظ چوڳل آهن.

• **پَنجڳل**۔ پَنجن اکرن، يا حَرفن وارا لَفظ پَنجڪل سَڏيا وَجن ٿا، "اَويلو"، "سَويلو" "جهُوپڙي" واهِڻِي"، وانگارَ"، "آدَارَ" جهڙا لفظ پَنجڳل آهن.

• **ڇَهہ ڳل**، يا شَٽڳل۔ ڇَهن اکرن ۾ حَرفن وارا لَفظ شَٽڳل سَڏيا وَجن ٿا. "نيسارو" "لابارو" "نهارِيان"، "اُچارِيان". "ڪِيڪارِڻُ"، "جِيڪارِڻُ"، "چنبَراتِ"، "خَراباتِ" جهڙا لفظ شَٽڪل آهن.

• **سَتڪل** يا سَپتڪ، ستن اکرن، يا حَرفن وارا لَفظ سَتڳل ليکيا ويندا آهن. "هلائِيندُسِ"، "نِپائِيندُس"، "آڏاسِٽو"، "بيهارِٽو"، "بورچاٽِي"، "آرِياٽِي" اهڙالفظ سَتڳل سَڏيا وِيندا آهن.

• **ٽُڪ يا قافيو**، سِنڌي شاعريءَ جُون اڪثر صنفون ٽُڪواريُون هُونديون آهن.

**دوهو بيت:۔**

جي پُڇِڻا سي نَہ مُنجَهڻا، جي پُڇَن سي وِيرَ،
جو لَڪَڻُ ۾ ماڙُ هئين، سو ڪُلَڪَڻُ ۾ ڪِيرَ

(شاهہ ڪريم) شاهہ ڪريم جو ڪلام:

هن دوهي بيت جي ٻنهي مصرعن جي آخر ۾ "وِيرُ" ۽ "ڪِيرُ" لَفظَ تُڪون يا قافِيا آهن. دوهي بيتَ جي هر سِٽَ ۾ ٻہ ڱِوتا پد هوندا آهن.

"جي پُڇِڻا سي نَہ منجهڻا." هِي دوهي بيت جو اساس پَدُ آهي. "جي پُڇَنِ سي وِيرَ." هِي دوهي بَيتَ جو تڪوارو پد آهي. "جو لَڪڻُ ۾ ماڙهُئين." هِي دوهي بَيتَ جو ٽِيون پَد آهي، ٻي سٽ جو اساسُ پد ٻہ آهي. "سو ڪُلَڪَڻُ ۾ ڪِيرَ." هِي دوهي بيت جو ٻيو تڪوارو پد ۽ ٽِتي پد آهي. شاهہ ڪريم جو هِي دوهو بيت سارڪا ڇند ۾ آهي

۱۳+۱۰ = ۲۳ ماترا۔

ٻي سِٽ ۱۲+۱۰ = ۲۲ ماترا۔ راس ڇند ۾ آهي.

## دوها بيت

• سِنڌِي دوها بَيتَ۔ شاهہ ڪريم جا

تُون ڇَڏُ اَللهُ هيڪَڙو، وائِي ٻِي مَ سِکُ،
سَچو اَکَرُ مَنَ ۾، سوئِي لِکِئو لِکُ.

پهرين سِٽَ:۔ ۱۴+۹ = ۲۳ ماترا سارڪا ڇندُ۔

ٻي سِٽَ:۔ ۱۰+۱۰= ۲۰ ماترا۔ آرُن ڇند۔

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪريم)

ڇَرِبو جِين چِتِ ڪَري، سَڱ سَپِيئي ڇِنُ،
جي پائِينِ پَرِيَ مِڙان، تہ مَتِ مُون جِي ڳِنُ.

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪريم)

پهرين سِٽَ:- ١١+٩ = ٢٠ ماترا- اَرُن ڇند -

ٻي سِٽَ:- ١٢+٩= ٢١- ماترا- پَرواسي ڇند.

سو هيڏانِ، سو هوڏانهن، سوئِي مَنِ وَسي،
تي هِين سَندي سوجَهري، سوئِي سو پَسي.

(شاهه ڪريم)شاهه ڪريم جو رسالو

١٢+٩= ٢١- ماترا- پَرواسي ڇند.

ٻي مصرعا ١٣+٩= ٢٢- ماترا- راس ڇند

وَرَ وَسِري تہ ڪوهُ، پَرَ وَرُ نہ وِسِرِئوسِ،
ڪونہ ڇُوندو ڪڍِهِينِ، تہ اگُٿُ اونڌائو سرِ

(شاهه ڪريم)

١٠+١٣= ٢٣- ماترا- سارڪا ڇند.

ٻي مصرعا ١١+١١= ٢٢- ماترا- راس ڇند

پاٽِيارِي سَيَڪا، جا سِرِ گَهڙو ڌَرِي،
ڪا لَئہ سَندي سَجڻي، ڪا پورهي پَري.

پهرين سِٽَ ١٠+١١ = ٢١ ماترا پَرواسي ڇند-

ٻي مصرعا- ١٢+٩ = ٢١ ماترا-

پرواسي ڇند- هر دوهي بيت ۾ هڪ اساس پد- ٻہ تُڪوارا پَد- ۽ هڪ مڪت پد آهي، هَر دوهي بيت جي سِٽا ۾ پهريون پد، اساس پَدُ آهي، ٻيو ۽ چوٿون پد تڪوارا پد آهن، دوهي جو ٽِيون پَدُ مڪت پَدُ آهي.

## قاضي قادن جا دوها بيت

پڙهندو پئي ويو، ڪوڙين لَڪ قُرآڻ،
لَکي لوڪُ نَہ سَگهيو، پاڻي اَندرِ پاڻ
(قاضي قادن)

١١+١١= ٢٢ ماترا ـ راس ڇند ـ پهرين سِٽَ
ٻي سِٽ ـ ١١+١١= ٢٢ ماترا ـ راس ڇند

سُتو وينو اُٿيو، ڳالهائيندو ڳِيندو،
اَسان تُسان جِي ناتِڙي، وانڙئين وِيندو.
(قاضي قادن)

١١+١٢= ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند ـ پهرين سِٽَ
ٻي سٽ ـ ١٣+١٠ = ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند ـ

جان پاڻانِ جو پڌرو، ٻڌو آءٌ سَڏُ،
مُون هينئَڙو تان ئي ڪِيو، سُپريان سُون گَڏُ ـ
(قاضي قادن)

پهرين سِٽ:ـ ١٢+٨ = ٢٠ ماترا ـ اَرُن ڇند ـ
ٻي سِٽ ١٣+١٠ = ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند ـ

زيران زبِران آيَتان، اَکَر اَنتُ نَہ پارَ،
هيڪَڙيو اِيمانَ ۾، لَهَنِ سَپِنِي سارَ
(قاضي قادن)

پهرين سِٽ ١٣+١٠ = ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند ـ
ٻي سِٽ ١٣+١٠ = ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند ـ

نَہ سو لاهُو نَہ سِرو، نَہ اورارِ نَہ پارِ،
مُوڙهو وَتين تِنِ کي، سو مَنَ مَنجهہ نهارِ
(قاضي قادن)

پهرين سِٽَ ـ ١١+١٠ = ٢١ ماترا ـ پرواسي ڇند ـ
ٻي سِٽَ ـ ١١+١١ = ٢٢ ماترا ـ راس ڇند ـ

اَڳتي اُستادن سامگرِي ۾ اَمرت ڌُنِ کي هَتي ڏيندي لکيو آهي، تہ ڪويءَ کي امرت ڌن کي سَمجهڻ گهرجي، ڌُنون، موسيقي سُر، تال آوازن جي

نقل ڪاپي ٿين ٿا. ڇند وديا ۾ علم عروض اصل ڪوتا قانون آهن ـ ڪوي ۂ کي پنهنجي اصلي علم کان ٻري نہ رهڻ گھرجي.

## حضرت شاهہ لطيف جن جا دوها بيت

مُوران مائو نہ ٿين، تازي جو توڙان،
هاٿِي جي هِيٽو وَهي، گھٽو مُلهون گھوڙان
(شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ-١٢+١٠= ٢٢ ماترا ـ راس ڇند
ٻي سِٽَ١٣+١٠-= ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند

سَهسين مِڙي سِيارِڙا، جَنبوُ جاگَر ڪَنِ،
ڪيهَرَ ڪَنُ نہ اُڊِڪي، ڊاءَ نہ ڊِڇي تَنِ.
(شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ١٣+١٠-= ٢٣ ماترا ـ سارڪا ڇند
ٻي سِٽَ ـ ١١+١٠ = ٢١ ماترا ـ ٻرواسي ڇند ـ

ڇوٽي نَري مُڪِتي تَري، ڇوٽو ڪيهَرُ پاڻَ،
گَجي نہ گِينورَ هَٽي، ٻِيا مِرون آساڻ ـ
(شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ١٤+١١-= ٢٥ ماترا ـ روپ ڪانت ڇند ـ
ٻي سِٽَ ـ ١١+١١ = ٢٢ ماترا ـ راس ڇند ـ

سَگِيٽي نہ اُونچَ سَگِيٽِي، نيچَ سَگِيٽِي نہ ڪَرت
جيلانهُن ڪيهَرَ سين مائِتِي، تيلانهن گَنسَر چري گاهُ
(شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ١٤+١٦-= ٣٠ ماترا ـ لاوڻي ڇند ـ
ٻي ست-١٦+١٥= ٣١ ماترا ـ وِير ڇند .

گَئُون مارِيو گِر ڇَري، گِرِ چَرِيو گَئُون کاءِ،
ڪيهَرُ ٻلاٽي جو سَهي، تہ لُونءَ لُونءَ لاڳَ وڪاءِ!
(شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ١٤+١١-= ٢٥ ماترا ـ روپ ڪانت ڇند ـ
ٻي ست١٣+١٤-= ٢٧ ماترا ـ سَرسِي ڇند ـ

## شيخ اياز جا دوها بيت

آهي تُنهنجيءَ يادِ جي، اِئن گُذريءَ ۾ گُونجَ،
آکيري مان جِئن وَجي، اُڏري ڪائِي ڪُونجَ.

پهرين سِٽ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

ٻي سِٽَ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

نيڻَن مان جو نَئِن ڇُلِي، ڪُک پَن تِي ويا رنج،
نِڪتيون تنهنجون ڳالهڙيُون، جِئن پاڻيءَ تي هَنج.

پهرين سِٽ:ـ ١۴+١١= ٢۵ـ ماترا ـ روپ ڪانت ڇند

ٻي سِٽَ :ـ١۴+١١= ٢۵- ماترا ـ روپ ڪانت ڇند

اُن کي تنهنجي پريت جي، پيجري جي آ هيرَ،
مَنَ جي مينا تِي اچي، اُڏري سانجهہ سَويرَ.

پهرين سِٽ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

ٻي سِٽَ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

ٻُکَ تي نِڪتي باکَ ۽، ڏُک ۾ گُذريو ڏينهُن،
ڇڏ هي سُکَ جون ڳالهيون، پنهنجو کهڙو نينهُن.

پهرين سِٽ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

ٻي سِٽَ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

پهتو مَن ۾ پار ڪان، جِئن چوليءَ جو ڇوهُ،
ويجهي آئي جو ڪنڌي، ماڻو تي وِيو موهُ.

پهرين سِٽ:ـ ١٣+١١= ٢۴ ماترا ـ روپ مالا ڇند

ٻي سِٽَ :-١۴+١١= ٢۵- ماترا ـ روپ ڪانت ڇند

(شيخ اياز) پونر پري آڪاس

بيت جي سِٽا ۾ اوسر ۾ دوهي بيت کي پهرين صنف ڪري مڃبو تہ پوءِ سورٺو بيت ٻئي نمبر واري صنف ليکيو ويندو. سورٺو بيت بہ ٻن سٽن وارو بيت آهي، جيئن دوهو بيت ٻن سٽن وارو بيت آهي. فرق اهو آهي تہ دوهي بيت جي سٽا ۾ ٻيو ۽ چوٿون پد. يا چرن تڪوارا، يا مقفا پد آهن، تہ سورٺي بيت جا وري پهريون ۽ ٽيون پد مقفا آهن. سورٺي بيت جا ٻيو ۽ چوٿون پد مڪت پد آهن.

قافئي جي صورت ۾ سورٺي بيت کي بيت جي اوسر ۾ پهرين صنف مڃجي تہ پهرين پد وارو قافيو گواهہ آهي تہ سورٺو بيت پهرين بيت جي صنف آهي، جيئن تہ برصغير مقفا شاعريءَ جو مرڪز رهيو آهي، تنهن ڪري پهرين پد وارو قافيو سورٺي بيت کي اوليت ڏئي ٿو. وڌيڪ اڳتي بہ بحث هلندو رهندو پر سڄي برصغير ۾ دوهو بيت وڌيڪ رچيو ويو آهي.

## قاضي قادن جا سورٺا بيت

ڪايا مُهُ ڏيئي، پيٺا جي درياءَ ۾،
پسندا سيئي، ماڻڪ اڪرِّين سِپين.

پهرين سِٽ- ١٠+١٣= ٢٣ ماترا- سارڪا ڇند

ٻي سِٽَ- ٩+١١= ٢٠ ماترا- اَرُن ڇند.

(قاضي قادن)

وڃي آيو ڪيرُ، ڪنهن مُهُ لاهُوتيِنُ،
اڇي ڪندو ڪيرُ، ڳالهِيُون رَبَ پرِتيان،

(قاضي قادن)پيغام ١٩٨٤-

پهرين سِٽَ- ١٠+١١ = ٢١ ماترا- پَرواسي ڇند-

ٻي سِٽَ- ١٠+١٢= ٢٢ ماترا- راس ڇند-

ٻَهرين پاڻُ وِڃاءِ، پاڻُ وِڃائي سو لَهي،
مَنَ اَندَرِ مُهُ پاءِ، توئِي اَندَرِ سُپرين-

پيغام ١٩٨٤- (قاضي قادن)

پهرين سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

ٻي سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

**تون ويرون ئِي ويرُ، جوڳي سو جو جڳ ۾،**

**تون اسان جو پِيرُ، سُوڌي ڏيئَن سَرِيرَ ۾،**

پيغام ١٩٨۴- (قاضي قادن)

پهرين سِٽ- ١١+١٢= ٢٣ ماترا- سارڪا ڇند

ٻي سِٽ- ١٠+١٣= ٢٣ ماترا- سارڪا ڇند

**پَهرِين پاڻُ پَرَکِ، پِرِين پَرکَڻُ ساڪَڙا،**

**ڏَر ٻيِ سوئِي رَکُ، جِتان ڏِڪا نَ لَهِين-**

پيغام ١٩٨۴- (قاضي قادن)

پهرين سِٽَ- ١٠+١٢= ٢٢ ماترا- راس ڇند-

ٻي سِٽَ- ١٠+١٠= ٢٠ ماترا- اَرُن ڇند.

سورٺي بيت جو پهريون پد اساسُ پد بہ آهي، تہ ٽُڪوارو پَدُ بہ آهي، ٻيو پَدُ مُڪت پد آهي، سورٺي بيت جو ٽِيون پد ٽُڪوارو پد آهي، ۽ چوٿون پد مڪت، يا آزاد بہ آهي تہ يَتِ وارو پَدُ بہ آهي- ان پد تي بيت پورو ٿئي ٿو جنهن کي يَتِي پد چئبو آهي.

**ڇند وديا جا اصول ۽ سکيا**

# شاهہ ڪريم جن جا سورٺا بيت

وهاڻي ئي وَڄُ، تو نہ سَرندو تن ري،
تان سا وڃي ٻَڄُ، پيئي جا ڪاڻِ پَرينَ سين

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪَرَيمر)

پهرين سِٽَ - ٩+١٢ =٢١ ماترا - پرواسِي ڇند -

ٻي سِٽَ - ٩+ ١٥= ٢٥ ماترا - رولا ڇند -

جي مُون سَڏَ ڪِئا، پنيوران ٻَهارِ تِي،
سي جي پَـرِيَ سُئا، تہ هُندَ وِئا نہ نِڪِري

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪَرَيمر)

پهرين سِٽَ— ٩+١٢ = ٢١ ماترا - پرواسي ڇند -

ٻي سِٽَ - ١٠+١٢= ٢٢ ماترا - راس ڇند -

وَرُ سا سُڃِي ويڙ، جِتي سَڄَڻُ هيڪَڙو،
سو ماڳو ئي ڦير، جِتي ڪوڙ ڪُماڙهئين.

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪَرَيمر)

پهرين سِٽَ - ١٠+١١ = ٢١ ماترا - پَرواسي ڇند -

ٻي سِٽَ - ١١+١٣= ٢٤ ماترا - رولا ڇند -

هَنجُ تِتَئِين هوءِ، اُوني ۾ اوڙاهَہ جي،
اِي ڪانئِرو ڪوءِ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪَرَيمر)

پهرين سِٽ - ١٠+١٣= ٢٣ ماترا - سارڪا ڇند

ٻي سِٽ - ١٠+١٣= ٢٣ ماترا - سارڪا ڇند

سَڄَڻَ جان سَهُو، تہ ڪَرَ رُوحَ رَچنديُون،
سندو ڪاڻُ ڪَهُو، پَتو ئي پَرَ سَهي -

شاهہ ڪريم جو ڪلام (شاهہ ڪَرَيمر)

پهرين سِٽَ - ٨+١٢= ٢٠ ماترا - آرُن ڇند.

ٻي سِٽَ - ١٠+١٠= ٢٠ ماترا - آرُن ڇند.

## حضرت شاهه لطيف جن جا سورٺا بيت۔

شاهه سائين جن جي رسالي ۾ سورٺا بيت تمام گهڻا آهن.

هيجُ نَہ هُندو جَنِ، سي ڪِنءَ وِندُرِ وينديُون،
جي وِهو وِچ رَهَنِ، سي سَهسين سَدُن واريُون

سسئي آبري۔ (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ۔ ١٠+١۴= ٢۴ ماترا ۔رولا ڇند۔

ٻي سِٽَ-١٠+١۴= ٢۴ ماترا ۔رولا ڇند۔

ڪيچ نَہ جُنبَڻَ جاءِ، تَہ ڪا هَلي هوتَ ڏي،
مُون سَين هَلي ساءِ، جا جِيءَ مِنو نَہ ڪَري۔

سسئي آبري۔ (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ۔ ١١+١١= ٢٢ ماترا ۔ راس ڇند۔

ٻي ست۔ ١٠+١٢=٢٢ ماترا ۔ راس ڇند۔

سُڪَن وارِي سَڌَ، مَتان ڪاءِ مُون سين ڪري،
اَندَرُ جَنِي اَدَ، ڏُونگَر سي ڏورِيندِ يُون۔

سسئي آبري۔ (شاهہ سائين)

پهرين مصرعا۔ ٩+١٣= ٢٢ ماترا ۔ راس ڇند۔

ٻي سِٽَ ۔ ٩+١٣= ٢٢ ماترا ۔ راس ڇند۔

توجو ٻولُ ٻَروچَ، وِهي ڪِئو وَٽِڪارَ ۾،
سوئِي پارِج هوتَ، مُنِيءَ مُون مَعذُورِ سين.

سسئي آبري۔ (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ۔ ١١+١٣= ٢۴ ماترا ۔ رولا ڇند۔

ٻي سِٽَ۔ ١١+١٣= ٢۴ ماترا ۔ رولا ڇند۔

ڏونگَر ڪانَہ ڏوري، سِڪَڻَ جيئُن سَڏون ڪري،
وينِي گَهرِ گهوري، مَتَاءَ پِريَن ڇندَڙو۔

سسئي آبري۔ (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ۔ ١١+١٢=٢٣ ماترا ۔ سارڪا ڇند۔

ٻي سِٽ- ۱۰+۱۳= ۲۳ ماترا- سارڪا ڇند-

ڀَرِين تُون پاريج، پارَٿُ پوءِ پُنهونءَ تي،
ٻولُ مَ وِساريجَ، هُو جو ڪِئو ئي هوتَ سين،

سسئي آبري- (شاهه سائين).

پهرين سِٽَ- ۱۱+۱۳= ۲۴ ماترا- رولا ڇند-

ٻي سِٽَ- ۱۰+۱۴= ۲۴ ماترا-رولا ڇند-

## شيخ اياز جا سورٺا بيت

اَڇي اوتِ شرابُ، اَتم اُڄ اَزل جي،
سَندمِ رُوح رَبابُ، سِڪي پِيو ڪنهن سُر لاءِ

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سٽ- ۱۰+۱۰= ۲۰- اَرَنُ ڇند-

ٻي سِٽَ- ۱۱+۱۳= ۲۴ ماترا- رولا ڇند-

سَجَڻُ جو سارِيو مِ، تہ آيُون هِيرُون هَنجَ ۾،
جيڏانهُن نِهارِيو مِ، چوڏِهين جي چانڊاڻ هُئي

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽ- ۱۱+۱۴= ۲۵ ماترا- روپ ڪانت ڇند-

ٻي سِٽَ- ۱۲+۱۵= ۲۷ ماترا- سرسِي ڇند-

ڇُوسيون چانڊوڪِيُون، تنهنجي منڙي مُنهَن مان،
راتين جو روڪيون، واڳون اسان وقت جون-

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽ- ۱۰+۱۳= ۲۳ ماترا- سارڪا ڇند

ٻي سٽ- ۱۰+۱۲= ۲۲ ماترا راس ڇند-

ڇَئِي سَگهندين ڇَنبَ، توڏي مان چوٽو تَڪيان،
ڏَئي سَگهندين ڇَنبَ، مُون ڪي پارَ پرينءَ جا-

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

ٻي سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

**ڇَوُ! مان ڪنهنجي ڪاڻ، رُلان پيو راتڙيُون،**

**ڇوُ! ڪنهنجي چانداڻِ، هرڪايو منهنجو هنئون-**

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ١١+١٢=٢٣ ماترا- سُلڪا ڇند-

ٻي سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

**ڏڪائي ويو ڏورِ، مُون کي چَندُ ڇَريو ڪري،**

**دل ڪان ناهي دوَرِ، دورِي آهي ديد جِي-**

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

ٻي سِٽَ- ١١+١٣= ٢۴ ماترا- رولا ڇند-

اوائلي استادن بيت جي اصطلاح سازي ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، پاڻ کي اها درستگي بہ ڪرڻي آهي، استادن جيڪا دوهي ۽ سورٺي ميل وارن بيتن تي بحث ڪيو آهي، اهو بنهہ غلط آهي، دوهو بہ هڪ بيت جي صنف آهي، تہ سورٺو بہ بيت جي هڪ صنف آهي، اسان جيڪڏهن ايئن چئون تہ غزل ۽ گيت جي ميل واري هيءَ ڪافي آهي، تہ اسان تي دنيا جهان جا استاد تہ کلندا، پر عام علم ادب جا شاگرد بہ اسان جي مذاق اُڏائيندا.

گهڻن مصرعن وارا بيت، اشلوڪ جيڪڏهن پهرين سٽ ۾ دوهي وارو قافيو رکن ٿا تہ اهي دوهي پد وارا بيت آهن، جيڪڏهن سورٺي بيت سان مطابقت ٿا رکن تہ اهي اشلوڪ سورٺي پد وارا اشلوڪ ليکيا ويندا- نہ ڪي سورٺي، دوهي ميل وارا بيت سڏبا.

# دوهي پد وارا قاضي قادن جا بيت۔

سَچُ پيارا سائينيان، سائينءَ سَچُ سُهاءِ،
سَچي منگلُ نَہ دَهَئِہِ، سچي سَرپُ نہ کاءِ،
سَچ سَمندان سِرِ چَڙهئہ، کوڙ ڪَکائين باهِ،
جَڏِهُون، ڪَڏِهُون کوڙ ڪَي، ڏيندو سَچُ سَزاءِ،

پيغام ۱۹۸۴ع۔ (قاضي قادن)

پهرين مصرعا۔ ۱۳+۱۱= ۲۴ ماترا۔ روپ مالا ڇند.

قاضي قادن جي هن بيتن جو سٽاءُ باهُو پد وارن بيتن جيان آهي.

جي مُون ڏيئين لَکَ ڏڙ، ڏَڙ ڏڙ لَکَ سِران،
سِر سِر لکَ مُهان ٿيئين، مُهِ مُهِ لَکَ ڄِيان،
سڄي جِيان تکيان، هِڪِڙيان لَوانِ،
صفت تُنهِنجي راڄيا، تو هَرَن ڪِئين ڪَران

پيغام ۱۹۸۴ع۔ (قاضي قادن)

پهرين مصرعا ۱۲+۹= ۲۱ ماترا۔ پرواسي ڇند.

هن بيتن جو پتي پد ٻہ دوهن وانگي آهي

تُون آڌارُ سُڌارُ تُون، تُون اَڌائِوُن اَڌَ،
تُون ئي اَکِڙِيُن مُون، تُون ئِي اَندَرِ هَنَ،
ٻِلِ لڳي ٻَالهِ چوان، ڪيهي حاجتَ سَڌَ

پيغام ۱۹۸۴ع۔ (قاضي قادن)

پهرين سِٽَ ۱۳+۹= ۲۲ ماترا۔ راس ڇند۔

باهو پدوارا بيت بلڪل ايئن ئي آهي، جيئن هي قاصي قادن جا بيت آهن، منهنجي ڪتاب جهموريت جي ڇنڊ وارا سي حرفي وارا بيت بلڪل هن بيتن جهڙا آهن، بيتن جو هي نيم ٻہ اوائلي نيم آهي، هي دوهي پد وارا بيت آهن.

## شاهہ ڪريم جا دوهي پد وارا بيت۔

جي جاڳندي مَنَ ۾، سُتي پڻ سيئي،
مَنُ پِريان نيئي، پَڳَهيو پاڻ ڳَري

پهرين سِٽَ۔۱۲+۹=۲۱ ماترا۔ پرواسِي ڇند۔

توڻي جوهِي بيت گهڻين مصرعن وارو بيت ناهي، پر بيت جي پهرين مصرع دوهي پد واري آهي، بيت جي پڇاڙي ڏِگهي بيتن واري ذمري ۾ اچي ٿي، بيت جو يتي پد بيت جي سونهن ۾ واڌارو ڪري ٿو.

پاڻيارِي سِرِ ٻَهَڙو، جَرَ تي پَڪِي جِينءَ،
اسان سَجَڻُ تينءَ، رهيو آهي رُوح ۾

شاهہ ڪريم جو ڪلام۔ (شاهہ ڪريم

پهرين سِٽَ۔۱۳+۱۰= ۲۳ ماترا۔ سارڪا ڇندَ

هيءُ دوهي پد وارو بيت آهي، اهڙا بيت پوءِ تاريخ ۾ دوهي پد وارن بيتن ۾ شامل ٿيا. سامي صاحب جا اشلوڪ بہ اڪثر دوهي پد وارا اشلوڪ آهن، سامي صاحب جي سڄي اشلوڪ سنکيا جو بنياد سورٺي پد وارن شلوڪن تي آڌاريل آهي، بيت جي واڌ ويجهہ جي تاريخ تي جهڙوڪر اسان ڪم ڪيو ئي ناهي.قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جن جا اڻ پورا بيت بہ جيئن جو تيئن موجود آهن، انهن بيتن تي بہ ڪائي شاعرانا راءِ مقرر ناهي ڪئي وئي.

جي لِياڪا لوڪَ ڏُوُن، جان جان سي نَہ لِتاءِ،
تان تان ٿيي نہ ماءِ! پُورو پَسَڻُ پِريَ سين

شاهہ ڪريم جو ڪلام۔ (شاهہ ڪريم

پهرين سِٽَ۔ ۱۲+۱۱ = ۲۳ ماترا۔ سارڪا ڇند

هي دوهي پد وارو بيت پنهنجي سٽا موجب اڳتي هلي، حوالو بنجي اپريو جو شاهہ سائين جن جا دوهي پد وارا بيت هنن بيتن جي فني سٽا جو نمونو آهي.

اَسِين سَڪَئُون جَنِ کي، تان سي اَسين پاڻَ،
هاٽي وَڃ گُمانَ، سَهِي سُڃاتا سُپِرين.

شاهہ ڪريم جو ڪلام۔ (شاهہ ڪريم

پهرين سِٽَ-١١+١٠= ٢١ پرواسي ڇند-

ٻي سِٽَ- ١٠+١٢= ٢٢ ماترا- راس ڇند-

ماترڪ سنڪيا، يا فني جوڙجڪ ۾ بيت جي شاعري گهٽ وڌائي جو شڪار آهي، برصغير جي اوائلي ڪوتا جو روپ ڏسي حيرت بہ ٿئي ٿي، پر ڪجهہ سکڻ جو موقعو بہ ملي ٿو.

**گهر ۾ گهر ديکادي سو، سَتگُر پُرک سُجاڻ،**
**پنج سبد ڌنڪار ڌن تي، باجي سبديساڻ**
**دِيپ لوءَ پاتال تهہ، کَنڊ مَنڊل حيران،**
**تار گهور باجنتر تهہ، کَنڊ مَنڊل حيران،**
**تار گهور باجنتر تهہ، ساچ تخت سُلطان**
**سُکمَن ڪي گَهر راگَ سُن سُن منڊل لِولاءِ**
**اَڪٿ ڪَٿا بيچاريئي، مَسا مُنهہ سَماءِ**
**اُلٽ ڪمل امرت ڀريا، اِهہ مَن ڪَت نَہ جاءِ،**
**آجپا جاپ نَہ وسِري، آد جُگاد سماءِ،**
**سڀ پنچي ملي گور مُک نج گهر واس،**
**سب کوج اِهہ گَهر لهي نانڪ تاڪا داسَ.**

•••

هن اشلوڪ ۾ ڏهہ دوها آهن، اهو دؤر فن ۾ اڃا مڪمل نہ ٿيو هو بابا گُرو نانڪ جن دوها رَچي گڏ ڪري ان ترتيب واري شعر کي اشلوڪ سڏيو آهي، ان جو مطلب ٿيو تہ اشلوڪ جو بيت وارو ويس جيڪو هن وقت اسان جي سامهون آهي، اهو پوءِ جي پيداوار آهي.

هن اسلوڪ کان پهريان جيڪو اسلوڪ ڏنو ويو آهي، اهو ستونجاهہ دوهن تي مشتمل آهي، ان اسلوڪ جو پهريون دوهي هي آهي-

**گُن گوبند گائيو نهين، جنم اڪارٿ ڪين،**
**ڪَهہ نانڪ هر ڀَج منا، جهہ بُڌو جل ڪو مين.**

هن اشلوڪ جيان بابا گرو نانڪ نَون دوهن تي آڌاريل هڪ "ڪافي" بہ ڏني آهي.

ڪافي جو پهريون دوهو ڏسو:-

**جي پلي جي چڪي سائي پي تنهنجي ڪادينا،**
**جنها نيهه دوجاٽي لگا، جهور مرهه سي وادينا.**

مٿين ٻن اَشلوڪن ۾ هڪ ڪافيءَ جي وچ ۾ ڪو بہ فني فرق نظر آيو جنهن جي ڪري چئجي تہ فن جو پويون دؤر وڏيڪ سگهارو ٿيو.

حوالو: سنتن جي ٻاڻي- "تارا چند اگروال"

ڀڳت ڪبير چوپائي-ٻن سٽن ۾ ڏني آهي، پاڻ چئن چئن گُنن کي گڏي ٻن سٽن ۾ چؤپائي ڏني آهي.

**اَن نه ڀاوي نِيدنَه آوي، بار بار موهه برهه ستاوي**
**هيءَ هُئي آڳاني ڀڳت ڪبير جن جي چوپائي،**

وري دوهي کي پاڻ ڇند سڏيو اٿن- ڇند جو سٺاءُ دوهي وارو آهي.

ڇند-

**کُن اَوکُن اَپراڌ ڇماڪر، اَوکُن ڪَڇُو نه بچاريئي**
**پتت پاون راکَ پرمتي، اَپنا پن نه سارينئي**

پاڻ هن دوهي کي ڇند ڪوٺيو اٿن. ڀڳت ڪبير جو سورٺي جي سٽا ۾ پورو آهي-

سورٺو-

**بن سَتگورو اُپديس، سر نرمُني نهين سُتري**
**برهما بشنو مهيس، اور سڪل جيو کر کُني**

(ڀڳت ڪبير)

ڀڳت ڪبير ستگرو جي ثنا ۾ چيل دوهن کي ساکي يا جيون ساکي جو نالو ڏنو آهي.

**ستگورو سَرن نه آوهين، ڦر ڦر هو يا اڪاج،**
**جيوَ کو يا سب جا هنکي، ڪال تهون پُر راج-**

(ڀڳت ڪبير)

اهڙي برابري ۽ اڻ برابري واري کي نظر ۾ رکبو تہ پوءِ فن جي پرک ڪري سگهبي.

# شاهہ لطيف جا دوهي پد وارا بيت

سُر ڪلياڻ داستان ٽِيون.

اُتِياري اُتِي وِئا، مَنجهان مون آزارَ،
حَبيبَ ئي هَٽي وِئا، پيڙا جي پَچارَا
طَبيبَن تَوارَ، هَڏِ نَہ وَٽي هاڻِ مُون

شاهہ جو رسالو (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ. ١٢+١١ = ٢٣ ماترا. سارڪا ڇند

هَڏِ نَہ وَٽي هاڻ مُون، ويڄَن جي وِصال،
هِنَ مُهِجي حالَ، حبِيبُ ئِي هادِي ٿِئو.

پهرين سِٽَ-١١+١٠= ٢١ پرواسي ڇند.

حَبِيبُ ئي هادِي ٿِئو، رَهُنما راحت،
پيڙا نيائين پاڻ سين، لائي ڏيئِي لَتَ
سُپِيرِيان صِحتَ، ڏِنيَمِ مَنجها ڏُکندي.

شِاهہ جو رسالو (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ ١٣+٩= ٢٢ ماترا. راس ڇند.

اورِ ڏُکَندو اُو تِي، هادِي جِهِ حَبيبُ،
نَڙ تَغاوَتُ نَہ ڪري، تِهِ ڪي ڪَو طَبِيَبُ،
رَهنُما رَقِيبُ، ساتِرِ صِحَتَ سُپِرِيَن

شِاهہ جو رسالو (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ. ١٣+١٠ = ٢٣ ماترا. سارڪا ڇند

مَجِلَس وِيرَ مِنَو تِيي، ڪوٺِيندي قهارُ،
خَنَجَرُ تِهِ خوبُ هَٽي، جِهِ سين تِيي يارُ،
صاحبُ رَبُ سَتَّارُ، سُوجهي رَڳُون ساهہ جون.

شِاهہ جو رسالو (شاهہ سائين)

پهرين سِٽَ. ١١+١٠= ٢١ ماترا. پرواسي ڇند.

فن ۾ سٽاءَ جو سنگم رچنا جي امرتا جو ڪارڻ آهن.

**پيتو جَنِ پِرِ ڪَرِي، سي تِيا مَتارا مَت،**
**سي ڪَتِنِ ڪِينَ اَڪَتَ، ماهِلُ تِيا مهرانَ ۾**

(سامي) سامِيءَ جا سَلوڪَ ـ

پهرين سِٽَ ١٣+٩= ٢٢ ماترا ـ راس ڇند ـ

**ويدَنِ پُرانَنِ ۾، چَرچا هِيءَ چَلي،**
**سُپيريان جي سِڪَ جِي، تُون ڳولي لَهُ ڳَلِي،**
**سامي سا مِلي، جنهن دَهَ دِسِ ڏٺو دوسَ کي.**

(سامي) سامِيءَ جا سَلوڪَ ـ

پهرين سِٽ ـ ١١+١٠= ٢١ ماترا ـ پرواسي ڇند ـ

هندي، توڙي سنڌي ڪوتا جو بنياد دوها ۽ سورٺا بيتن تي آڌاريل آهي، سامي صاحب وٽ اهي ٻئي صنفون موجود ناهن، ان جو ڪهڙو سبب ڇئجي؟ اهو سامِيءَ جي نقادن بہ بيان ناهي ڪيو.

**نِتُ عاشِقُ عَجِيبَ جي، دَرسَنَ مَنجهہ غَلِطانُ،**
**پاڻ ڪَڍيو جنهن پاڻ مون، سامي نانگو نِر ہاٽو،**
**مُلانِ مَنُ مَسِيتِ ۾، عين ڪَري ايمانُ،**
**مَهر جَنهين جي مَنَ ۾، سو داتا دياوانُ،**
**راڳِي ڳاوي ديپُ راڳ، لائي اَنهَنَ تانُ،**
**هوڪو ڦيري حق جو، صاحبُ سُلطانُ،**
**سِپاهِي هَلائي سَچَ جي، ليکڻ حَقُ حقانُ،**
**سُور لَڙِي سَرَ کون پري، جِيتي سَبُ جَهانُ،**
**سَتِي سَمائي سَتُ ۾، پِيٽُ ڏِسي پرڏانُ،**
**ٻيوسَ اَنڌ اَڳيانُ، سَمجَهہ ري سامِي چئي**

(سامي) سامِيءَ جا سلوڪ ـ

پهرين سِٽَ ـ ١٢+١٢= ٢٤ ماترا ـ دڪپال ڇند

سامِيءَ جا اڪثر شلوڪ سورٺي پد وارن بيتن وانگي آهن، پر دوهي پد وارا اشلوڪ بہ وٽس ملن ٿا، جيڪي متي اچي ڇُڪا آهن ۽ ڪجهہ هجي بہ ويا آهن. سامِيءَ وٽ دوها ۽ سورٺا بيت ناهن، تحقيق جي پيرائي ۾ ها کوٽ موجود آهي.

## شيخ اياز جا دوهي پد وارا بيت

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، سُتو راتِ سَڄَڻُ،
چمڪِيو چوڏِهينءَ چَنڊَ سان، آڏِيءَ وِيلِ اَڱَڻُ،
اَلا! اَسُرَ جو سندس، مُنهڙي جو مَهڪَڻُ،
هِيرُنِ ۾ تي جَڻُ، هُنَ جُن هُٻڪارُون مِلِبُون

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ ۱۳+۹-= ۲۲ ماترا- راس ڇند-

بيت ۽ وائيءَ جي صفن کي شاهه سائين جن مڪمل سنا ۽ فن جي صورت ۾ پيش ڪيو.

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، نور پري نيراڻ،
آيو پرين پاڻ، چمڪيا چنڊ زَمين تي،

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ۱۳+۱۱ = ۲۴ ماترا- روپ مالا ڇند-

تُون چانڊوڪِي چيٽ جي، مُنهنجو مَنُ چَڪورُ،
اڃي ڪڏهن اورِ، مُون سان ڳالهيُون گجهه جون.

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ۱۳+۱۰ = ۲۳ ماترا- سارڪا ڇند

منهنجي نيڻان ننڊڙي، تو تائين پهتِي،
تنهنجي تن سان چاندني، ساري راتِ سُتِي،
مِنٿِيُون مُنهڙي تان وتيون، اُتَر هير آچي،
سَڄڻ سيراندي، ميڙو مِڙني جو هُيو.

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ- ۱۳+۱۰ = ۲۳ ماترا- سارڪا ڇند

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، رَنگ رَليل آڪاسُ،
رُتِين رَتيُون راتڙِيُون، اُڏاڻا احساسَ،
چت ۾ چوڏِهينءَ چنڊ جئن، اُيري آئي آسَ،

پريان پريان پاسِ، آيُون ڳالهيون گجھ جون.

پونر پري آڪاس۔ (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ۔ ١٣+١١ = ٢٤ ماترا۔ روپ مالا ڇند۔

## قاضي قادن جا اَڻ پُورا بيت

سورٺي پد وارا بيت گهٽ ۾ گهٽ ٽن سِٽن وارا هجڻ گهرجن. جيئن شاهه سائين جن جو هي بيت آهي:۔

عاشِقَ اِنءَ نَہ هُونِ، جِنءَ تُون سَچين اَکَڙين،
وَڃِي دَرِ دوسَنِ جي، رَتُ ڏِيهاڙِي رُونِ،
ہي پَرِ ڪِهِ نَہ پُونِ، ماکُرِ محبوبَنِ جي

پهرين سِٽَ۔ ١١+١٢ = ٢٣ ماترا۔ سارڪا ڇند۔

سٽا جي لحاظ کان سورٺي بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مصرعون ڏنيون ويون آهن. شاعرن اهي ٻہ سٽا بيت خارج ڪري ڇڏيا. جيڪي پهرين سٽ ۾ سورٺي پد وارا هجن ۽ ٻي مصرع ۾ دوهي پد جو رچاءُ هجي، اهي بيت قاضي قادن جا هجن. توڻي شاهه ڪريم جن جا هجن.

- هي آهن قاضي قادن جا اڻ پوريت بيت۔

حَقيقي مُون سيڻَ، وَسَنِ سَهَرَ حَقِيقَ ۾،
ڳالهَ ڇوَنِ حَقِيقِيان، ڇوَنِ حَقيقي ويڻَ۔

قاضي قادن جو ڪلام – (قاضي قادن)

پهرين مصرع۔ ١٠+١٢= ٢٢ ماترا۔ راس ڇند۔

هن طرح جا بيت سنڌي شاعري جي ميدان ۾ پير نہ کوڙي سگهيا. شاهه سائين جن ئي ان سٽا کي ترڪ ڪري ڇڏيو.

- شاهه ڪريم جا اَڻ پُورا بيت۔

ڏَکين ڏاتِ پئو، هِيَڙو لَهَ سَنداڻِ جين،
سنياري کي سَڄڻي، وِرڇِي تان نَہ وِئو۔

شاهه ڪريم جو ڪلام۔ (شاهه ڪريم)

پهرين سِٽَ ٩+١٣-= ٢٢ ماترا۔ راس ڇند۔

وائِي ٻِيَ مَ ڀُلُ، مِرُئان موران پڪٽان،
ٻِلا سَندو سَڄَٽي، هُو هُلاچو هُلُ
شاهه ڪريم جو ڪلام- (شاهه ڪريم)

پهرين مصرع- ۱۲+۹= ۲۱ ماترا- پرواسي ڇند-

مَنيُون ميڙِي ڪانءِ، واچا ڪِڄِي وڃ پَئو،
جو تو سائِرو پائيو، سو هَرِبو ئِي ناهِه
شاهه ڪريم جو ڪلام- (شاهه ڪريم)

پهرين مصرع- ۱۱+۱۲ = ۲۳ ماترا- سارڪا ڇند-

جي ڪِي گهران مَ وَڃُ، جي ڪِي موٺُ مَ سُهٽي،
هيڪَڙيائي هَتِ ڪَرِ، ٻِيُون پاڃُوءَ جين پَڃُ.
شاهه ڪريم جو ڪلام- (شاهه ڪريم)

پهرين مصرع- ۱۰+۱۲= ۲۲ ماترا- راس ڇند-

حضرت شاهه عبداللطيف هڪ آفاقي نقاد ۽ وڏو عالم شاعر هو، تنهن هن صنف کي ميڄتا ۽ قبوليت ڪا نه ڏني، تهان پوءِ شيخ اياز به هڪ مهان شاعر ۽ نقاد هو اُن به هن صنف کي پنهنجو نه ڪيو صنفن جي ميڄتا ۽ مقبوليت جو دارو مدار فني ۽ فڪري اُڏام سان آهي، هن بيتن جي رواني ۽ پرواز نقادن ۽ شاعرن کي متاثر نه ڪيو جنهن ڪري ترڪ ڪيا ويا.

- شاهه سائين جن جا سورٺي پد وارا بيت

ڪِهِ جَهِ ڪُنا ڪاتَ، جِنءَ سامِي مُورُ نَہ سَنِرا،
ڏهيان ڏُکِي ڏِيلَ ۾، سُورُ سَڄائِي راتِ،
جوڳيان سَندِي ذاتِ، جيجان! آهِ جَڏائُڙي
سُر رام ڪلي (شاهه سائين)

پهرين مصرع- ۱۰+۱۵=۲۵ ماترا- روپ ڪانت ڇند-

روُحَ ۾ رَهِيُن رام، ٻَهَرِ ٻولِن ڪِي ٻئو،
پِيالو پُرِ ڪري، جوبُ پِيتائُون جامُ،
تِهان پوءِ تَمامُ، تَنِ تَڪِئا تاڪي ڇَڏيا
سُر رام ڪلي (شاهه سائين)

پهرين مصرع ـ ١٢+١٢= ٢٤ ماترا ـ دڪپال ڇند

رامُ رَهِيَن ۾ رُوحَ، ٻَهَرِ ٻولِن ڪِي ٻئو،
سَدائين سَفَرَ ۾، مَتَا ٿِيَن موءَ،
سامِيَڙا صُبُوحَ، ساريان گهٽو سَيتدُ ڇي.

سُر رام ڪلي (شاهه سائين)

پهرين مصرع ـ ١٢+١٢= ٢٤ ماترا ـ دڪپال ڇند

مَتَا مُوءَ ٿِيانِ، سَدا سُوئيتا ڪا ٻَڙي،
ڪوني ڪِهِ نَه پُڇِئا، اَندَرِ اندر وهِيانِ،
جيڪا ڄَمارانِ، سا مَنجهِ گوُندَرَ گذُري

سُر رامَ ڪلِي (شاهه سائين)

سورٺي پد وارا بيت هجن، يا دوهي پد وارا بيت هجن، پر شاهه سائين جن جي آفاقي فن جو هڪ جدارو مرتبو ۽ مقام آهي.

## شاهه ڪريم جن جو سورٺي پد وارو بيت ـ

جُهوريڙا جُهٽڪَنِ، مَتي مَيين مَڱَٽا،
سَپَڙ راتِ سَمَڱِيا، ڏِڪِئا ڏينهَ ڏِسَن،
گَهرِ تا گهوتَ وَڄَنِ، چندا لَتِي چارَٽِيَن،

شاهه ڪريم جو ڪلام ـ (شاهه ڪريم)

پهرين مصرع ـ ١٠+١٠= ٢٠– آرُنُ ڇند ـ

## • ساميءَ جا سورٺي پد وارا آشلوڪ ـ

پَندِتُ تنهن کي جاڻُ، جنهن کي سُڌِ سَرُوپَ جي،
اَنئِي پَهَرَ سَرُوپَ سان، جُڙيُسِ جوڳِي جاڻُ،
سَنياسِي سَنسي ٻِنان، سَبَ ۾ جاڻي پاڻُ،
آتَم جَلَ ۾ اَپَرسي، ڌوئي مَنُ سُجاڻُ،
اُداسِي اُداسُ ٿِي، جاڻي جَڳَ مِهمانُ،

سو آڏوتي اَنيئي، ڪتي ويڌُ پَرِ ماڻُ،
ويراڳي پنهنجي پاڻ کي، ڏسڻ لاءِ حيرانُ
نانگو ٿئو نرِ ٻاڻ سو، پاڻُ ڪَڍيو جنهن پاڻُ،
مُلان مَنَ مَسيت ۾، ڪَري دورِ قُرآنَ،
مومِنُ چاڻي مَنَ ۾، آهي سَڀِ جاءِ ساڻُ،
داتا دَيا وَندُ سو، جو ڪري پاڻُ قربان،
راڳي گاوي ديپَ راڳُ، ڏئو ٻري تَنهن ساڻُ،
سلطاني صاحب سو، جو نياءُ ڪري نرِ ٻاڻُ،
سَچو ليکو جو لکي، شاهُ تَنهن کي ڄاڻ،
سُورو سَچو ڄاڻُ سو، جو جيتي پَنجئي پاڻُ،
گرِهي گيانَ گُروءَ جي، رَهي ماڻُ نماڻُ،
سَتي رَهي پَتِ وِرتِ ۾، اهو ڄاڻي ڄاڻُ،
اهي ڳِهلِيُون ڀِرماڻُ، سامِي ڄاڻي ڪو سَچو.

(سامي جا آشلوڪ - (سامي)

ٻهرين مصرع- ١١+١٢ = ٢٣ ماترا- سارڪا ڇند-

سوئِي سوداگَرُ، ڪيپَ ڪَتي گَهرِ آئيو،
وَرِيو جنهن ويساهه سان، دِلِ ڏيئي دِلبَرُ،
ڪنهن جي ڪَري ڪِينَ ڪي، نِهَچي نرا دَرُ،
ڄاڻي سَڀُ گُذَرُ، سُپنَي جوَ سامِي چئي.

(سامِيءَ جا آشلوڪ (سامي)

ٻهرين سِٽَ- ١٠+١٣ = ٢٣ ماترا- سارڪا ڇند-

سامي صاحب جو وڏو ڊگهو اشلوڪ بہ بابا گرو نانڪ جي نون دوهن واري اشلوڪ جي جهڙوڪر ڪاپي چئجي- تہ غلط ناهي پر اشلوڪ لاءِ طوالت بہ ضروري ناهي، مٿين اشلوڪ ۾ ارڙهن مصرعن آهن، اهو بہ نون دوهن جي برابر ٿيو وڃي.

## • شيخ اياز جا سورٺي پد وارا بيت۔

سُڻي پَپيو سانتِ ۾، سِتارَنِ جو ساهُ،
نَغمي جِي ڪا نَهَرَ جَڻُ، اُتِلي آهِ اَٿاهُ،
ماٺوئڙا ۽ ماهُ، سَيَئِي آهن سِيرَ ۾.

پونر پري آڪاس۔ (شيخ اياز)

پهرين مصرع۔ ۱۲+۱۱ = ۲۳ ماترا۔ سارڪا ڇند۔

سَلِيا ڪَنهن نَہ سَوالَ، سانديا جي مُون ساهَہ ۾،
ڏاهپ ساري ڏيهَہ جي، سُونجهِيَم صَديُون سالَ،
خلوت مَنجهِہ خَيالَ، جَلَنِ روزُ جَوابَ ڪٽي.

پونر پري آڪاسِ (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ۔ ۱۱+۱۳ = ۲۴ ماترا، رولا ڇند۔

ڦُتَڪَ لڳو ڦاڳُ، آئي بُوءِ بَسنت جي،
سَجَڻَ مُنهنجي ساهَہ کي، ويڙهي وِيو ويراڳُ،
ڪِٿي مُنهنجو ماڳُ، ڪِٿي مُنهنجون منزلُون.

پونر پري آڪاس۔ (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ ۹+۱۳-= ۲۲ ماترا۔ راس ڇند۔

اَلا! اَڄُ تہ اُڏامُ، پَڙڪو ڏيئِي بَند مان،
آيا اُتَرَ واءُ تي، پِرِينءَ جا پيغامَ،
ڪَيُئہ ڪيئن قيامُ، پَکيئڙا پرڏيهہ جا!

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ۔ ۱۰+۱۳ = ۲۳ ماترا۔ سارڪا ڇند۔

شاهہ سائين جن جا بيت جي صنف ۾ چار نيم آهن. (۱) دوها بيت، (۲) سورنا بيت (۳) دوهي پد وارا بيت (۴) سورٺي پد وارا بيت شامل آهن. وتس بيت هر هڪ سُر جي سُچاٽپ طور ڳايو ويندو آهي.

اوائلي هندي شاعرن جيان شاهہ سائين جن جوراڳ ويراڳ بيتن تي آڌاريل ناهي۔ راڳ ويراڳ ۾ وائي خاص گائڪيءَ واري صنف آهي.

شيخ اياز وٽ مٿين بيت جي ڇنڌ صنفن ۾ دوهي جو جديد قسم هري پد دوهي وارو به شامل آهي، ايئن ٻيا ڇند به نيايل آهن.

**سَڄَڻُ نَہ آيو سانوڻُ آيو، ڇانئي گهَٽا گهنگهور،**
**اڃا وَٽي ويڳاٽو ڦِرندو، مُنهنجي مَنَ جو مورُ۔**

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

پهرين مصرع ۱٦+۱۲= ۲۸ ماترا۔ لکت ڇنَد۔

**پري هَلِي ڪجھ پريت وِرهايون، جيءُ لڳايُون جَهٽَ،**
**هلو تہ سائين ڪنهن ڪکرِيءَ تي، ڪٽي هَلوُن هيءَ ڪُٽ.**

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

پهرين مصرع۔ ۱٦+۱۰= ۲٦ ماترا۔ دوهِي ڇنڊ۔

**سَدا نہ رَهندو ڪو بہ سِڪندرُ، ٿيندو نيٺ تباهُ،**
**ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياءُ شاهہ.**

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

پهرين سِٽَ۔ ۱٦+۱۱=۲۷ ماترا۔ سرسي ڇند۔

**اَڇو، اَڇو، اي ڄَرَ جا ڄاٽُو! لڇي پَئي اَڄُ لاٽَ،**
**ڪوليو ڪوليو هي ڪنيڙاتِيوُن، ڳڻيو نہ پنهنجا ڳاٽ**

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

پهرين سِٽ۔ ۱٦+۱۱=۲۷ ماترا۔ سرسي ڇند۔

خاص ڪري دوهي جي صنف ۾ شيخ اياز جا هي ٽي ڇند ڀرپور نمونا آهن. ۔(۱) لکت ڇند، (۲) دوهي ڇند(۳) سرسي ڇند۔ ذڪر لائق آهن.

وائي جي ميدان ۾ شاهہ سائين هڪ بي مثال ۽ يگانو شاعر آهي، جنهنجو مقابلو ڪوئي سنڌي يا هندي شاعر نہ ٿو ڪري سگهي، جن ويهن ماترن وارين وائُن کان وٺي هڪ سئوُ چار ماترائن تي وائي کي پهچايو آهي، هن ڇند جي ڪتاب ۾ شاهہ سائين ۽ شيخ اياز جون وايون ڏئي قارعين کي سمجهايو ويندو ڪو بہ تقابلي بحث ناهي هتي صرف علمي ۽ ادبي فن جي سکيا کي مد نظر رکيو ويو آهي.

## وائِيءَ جو باب

مٿي بيتن واري باب ۾ اٺاويهن (28) ماترن واري ڇند تائين پهتاسين.

### وائي۔

**اَڱڻ آيامِ پيهي، يا اَلا! مون سارِيندي سُپرين**

(شاهه سائين) سُر ڪنڀات

- اساسُ پَدُ: اَڱڻِ آيامِ پيهي،
- اولاٿو پَدُ: يا اَلا! مون سارِيندي سُپرين.
- ١٢+١٧= ٢٩ ماترا ۔ مرسٽا ماڏو ڇند۔

پهريون پد تڪوارو پد بہ آهي. ٻيو پد اولاٿو پد بہ آهي تہ ٽِيِي پد بہ آهي.

### وائي

اَجا وَڃُ نہ تون،

اَلا! وَڃُ نہ تون!

مُنهنجو مَنُ تو آسَري

اُپر چند پَسُ پرين. (شيخ اياز)

- آساس پَدُ۔ اَجا وَڃُ نہ تُون،
- ٽُڪوارو پَدُ۔ اَلا! وَڃُ نہ تُون!
- اولاٿِڪُ پَدُ۔ مُنهنجو مَنُ تو آسَري۔
- ٨+٨+١٣= ٢٩ ماترا ۔ مرسٽا ماڏو ڇند۔ ٽيون پد ٽِيِي پَدُ بہ آهي۔

### وائي

وَڃي وَڃي وِتَري تِتي،

جِتِ، پيرُ سُجاتائِين پِريَ جو۔

سُر حسيني۔ تيرهين وائي۔ (شاهه)

- آساسُ ۽ ٽُڪوارو پَدُ۔ وَڃي وَڃي وِتِري تِتي،

• اولاٽڪ ۾ ٻيٽي پَدُ- ڇتِ، پيرُ سُڃاتائِين پِريَ جو-
۱۳+۱۷= ۳۰ ماترا- لاوڻي ڇند

## وائي

ڪارِي ڏِنَڍِ اَڇيرا، پَڪَ،

ڇَرَ تي ڇوهُ، ڇَمَرَ جا پاڇا!

وڃون وسڻ آئيون- (شيخ اياز)

• اساس ۾ ٽُڪرو پَدُ- ڪارِي ڏِنڍَ اَڇيرا پَڪَ،

• اولاٽڪ ۾ ٻيٽي پَدُ- ڇَـرَ تي ڇوهُ، ڇَمَرَ جا پاڇا!

۱۴+۱٦= ۳۰ ماترا- لاوڻي ڇَندُ-

## وائي

آءُ راڻا! رَهُ راتِ،

تُنهنجي چانگلَ ڪي چَندَنُ چارِيان-

سُر مومل راڻو (شاهه)

• اساسُ پَدُ ۾ ٽُڪوارو پَدُ- آءُ راڻا! رَهُ راتِ،

• اولاٽڪُ ۾ ٻيٽي پَدُ- تُنهِنجي چانگلَ ڪي چَندَنُ چارِيان-

۱۲+۱۹= ۳۱ ماترا- وِير ڇند ۾ ملڪا سُمير ڇند-

****

## وائي

اَئِين اَچي پَسو، جيڏِيُون!

ووءِ! هِي جو وَهُ مُنهنجي جِندُڙي،

سُر سامونڊي- (شاهه سائين)

• اساسُ ۾ ٽُڪوارو پَدُ- اَئِين اَچي پَسو جيڏِيُون!

• اولاٽڪُ ۾ ٻيٽي پَدُ- ووءِ! هِي جو وَهُ مُنهنجي جِندُڙي،

۱۴+۱۸= ۳۲ ماترا- مُڪت هرا سَوَيا-

****

## وائي

سَهندو ڪيرُ مَيارَ، او يارَ!

سِنڌُڙِيءَ تي سِرُ ڪيرُ نہ ڏيندو!

وِڇون وَسڻ آئيُون- (شيخ اياز)

- اساسُ ۽ تُڪرارو پَدُ- سَهندو ڪيرُ مَيارَ او يارَ!
- اولاٽڪُ ۽ پَڇاڙي پَدُ- سِنڌُڙِيءَ تي سِرُ ڪيرُ نہ ڏِيندو!

١٦+١٦=٣٢ ماترا- سُمان سَوَيا-

## وائي

اَهُڪِيَ اَڳَهہ آهي، ووا آهي،

مُون ڪي تان نہ ڇڏيندو تِڪَ ۾-

سُر سَئي آبري- (شاهہ سائين)

- اساسُ ۽ تڪرارو پد- اَهُڪِيَ اَڳَهہ آهي، ووا آهي،
- اولاٽڪ ۽ پَڇاڙي پد- مُون ڪي تان نہ ڇڏِيندو تِڪَ ۾-

١٦+١٧ =٣٣ ماترا- وامَ سَوَيا- ٢ وائي

***

## وائي

ڇورِي هِي آيُون،

اِيئين ڪاءَ نہ تُون،

ويهِي هُن جِي واٽَ تي!

اُپرچند پس پرين – (شيخ اياز)

- اساس پد- وري؟ هِي آيُون،
- تڪرارو پد- اِيئين ڪاءَ نہ تُون،
- اولاٽڪ ۽ پَڇاڙي پد- ويهِي هُنَ جِي واٽَ تي!

١٠+١٠+١٣ =٣٣ ما: ا- منجري سَوَيا-٣ وائي پد-

***

## وائي

مُون کي ڪانَ جَهلي،

سي ڪا پاڻُ پَلي،

آئون وِڍڙ نينهَ اُڇلي،

سُر سُهڻي-چوٿين وائي-(شاهه سائين)

- اساس پَدُ- مُون کي ڪانَ جَهلي،
- ٽُڪوارو پد- سَيَ ڪا پاڻُ پَلي،
- اولاٽڪ پَدُ- ئون وِڍڙي نينهَ اُڇلي-

هي ٽئي مقفا پَدُ آهن-

۱۰+۱۰+۱۴ = ۳۴ ماترا- سُک سَوَيا-۳ وائي پد-

❊❊❊

## وائي

جِيڪا اِئَن ڪُوڪي،

اَهڙي ڪويَلِ کي،

ڇو تو مارِين ڪَنڪِريُون؟

اُير چنڊ پس پرين- (شيخ اياز)

- اساس پد- جِيڪا اِئَن ڪُوڪي،
- ٽُڪوارو پد- اَهڙي ڪويَلِ کي،
- اولاٽڪ پد- ڇو تو مارِين ڪَنڪِريُون؟

۱۱+۱۰+۱۳ = ۳۴ ماترا- سندري سَوَيا- 3 وائي پد-

❊❊❊

## وائي

**جيڏِيون آئون ڪا پاڻَ وَهِيڙِي آهِيان؟**

**ڪا مُون سارَ لَهيجا**

سُر آسا۔ (شاهہ سائين)

- اساس پدُ ۽ تڪرارو پدُ: جيڏيون آئون ڪا پاڻ وَهيڙِي آهيان.
- اولاٽڪ پد: ڪا مُون سارَ لهيجا۔

تڪرارو پد۔ جيڏِيون آئون ڪا پاڻَ وَهِيڙِي آهِيان؟

**۲۳+۱۲= ۳۵** ماترا۔ سُڪي سَوَيا۔

۲ وائي پد۔

***

## وائي

**مُون ڪي ڪارِيءَ راتِ ۾، گَگهَہ جِيان گهوري،**

**هِي جو پاڇو موت جو۔**

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن۔ (شيخ اياز)

- اساس پَدُ۔ مُون ڪي ڪارِيءَ راتِ ۾،
- تڪرارو پَدُ۔ گَگهَہ جِيان گهوري،
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پِڇِي پَدُ۔ هِي جو پاڇو موت جو۔

**۱۳+۹+۱۳= ۳۵** ماترا۔ سُڪي سَوَيا۔

۳ وائي پَد

***

## وائي

**اَئين مُون آزارِي! مَ جَهلِئو جيڏِيُون!**

**وو آئون هَلَندِي هوتَ ڏي**

سُر سامونڊي_ (شاهه سائين)

**١١+١٠+١٥= ٣٦ ماترا_ شالُو دنبڪ_**

- اساس پَدُ ۽ ٽُڪوارو پَدُ_ اَئين مُون آزارِي!
- پراءُ پدِ_ مَ جَهلِئو جيڏِيُون!
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پَتِي پَدُ_ وو آئون هَلَندِي هوتَ ڏي

٣ وائي پَد_

***

## وائي

**پَهرِيون پَنهنجِي پاڻَ کان، گُهرُ تُون آزادِي،**

**تون جو آزادِي گُهرِين.**

هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن_ (شيخ اياز)

- اساس پَدُ_ پَهرِيون پَنهنجِي پاڻَ کان
- ٽُڪوارو پَدُ_ گُهرُ تُون آزادِي،
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پَتِي پَدُ_ تون جو آزادِي گُهرِين

**١٣+١٠+١٣= ٣٦ ماترا_ مُڪتِڪ دنبڪ_**

***

**مُون مَنُ ماروءَ جو، ماروءَ جو منهنجوءِ، مِيان**

**مُون مَنُ ماروءَ جو_**

سر مارئي (شاهه سائين)

- اساس پَدُ_ مُون مَنُ ماروءَ جو
- ٽُڪوارو پَدُ_ ماروءَ جو منهنجوءِ، مِيان

● اولاٽڪ پَدُ ۽ ٽِيِنِي پَدُ۔ مُون مَنُ ماروءَ جو۔

١١+١٥+١١= ٣٧ ماترا مُڪتِڪ دنڊڪ ۔

٣ وائي پَد۔

## وائي

-سرو:-

عِشقُ آسانِ وَتِ آرائينءَ جِئَن،

آيو جهولَ پَري،

ڪوئِي ڪِيئَن ڪَري!

وجون وَسڻ آئيون. (شيخ اياز)

● اساسُ پَدُ۔ عِشقُ آسانِ وَتِ آرائِينءَ جِئَن،

● ٽُڪ وارو پَدُ۔ آيو جهولَ پَري،

● اولاٽڪ پَدُ ۽ ٽِيِنِي پَدُ۔ ڪوئِي ڪِيئَن ڪَري!

١٧+١٠+١٠= ٣٧ ماترا۔ مُڪتڪ دَنڊڪ۔

-انترو:-

جنهنجي چَڳَ چَنبيليءَ وَلِ جِئَن،

سُرهِي سيجَ پَري،

ڪوئِي ڪيئَن ڪَري!

● ڪٿت پَدُ۔ جنهنجي چَڳَ چَنبيليءَ وَلِ جِئَن،

● تڪوارو پَدُ۔ سُرهِي سيجَ پَري،

● اولاٽڪ پَدُ ڪوئِي ڪيئَن ڪَري!

***

## وائي۔ سُر سامونڊي

سِرو۔

تَڙَ نِهارِيان تي، مُنهنجا بَندَ رِوئڙا جي،

مانَ سِڙهَ سُجاڻان سَڄِڻين۔

(شاهہ سائين)

۱۰+۱۴+۱۴= ۳۷ ماترا ـ سوم چنچلا سَوَيا ـ

- اساسُ پَدُ ـ تَڙَ نِهاريان تي
- ٽُڪ وارو پَدُ ـ مُنهنجا بَندَ رِوئَڙا جي
- اولاٽڪ پَدُ ۽ يَتِي پَدُ ـ مانَ سِڙَهہ سُجاڻان سَڄڻين ـ

انترو:-

- ڪٽت پَدُ ـ اُيي اوسَهِہ پائيان،
- ڪارڻ پَدُ ـ ڪارڻ وَڻجاري،
- ٽُڪوارو پَدُ ـ مانَ سِڙَهہ سُجاڻان سَڄڻين ـ

اولاٽڪ پَدُ ۽ يَتِي پَدُ ـ

## ٻي وائي

سِرو-

سانوَڻَ ڪِيئَن اَڪيلو آئين،

ساجَنَ ڪي ٻِہ تَہ آڻ!

ساجَنَ ڪي ٻہ تَہ آڻ!

وجون وسڻ آئيون (شيخ اياز)

- اساس پَدُ ـ سانوَڻَ ڪيئَن اَڪيلو آئين،
- ٽُڪوارو پَدُ ـ ساجَنَ ڪي ٻِہ تَہ آڻَ:
- اولاٽڪ ۽ يَتِي پَدُ ـ ساجَنَ ڪي ٻِہ تَہ آڻِ:

۱۴+۱۱+۱۱= ۳۷ ماترا ـ سوم چنچلا سَويا ـ

انترو-

- ڪٽت پَدُ ـ موتئي جي مهڪارَ هَوا ۾،
- تڪوارو پَدُ ـ سارَ ٻِري سُرهاڻِ ـ
- اولاٽڪ پَدُ ۽ يَتِي پَدُ ـ ساجَنَ ڪي ٻِہ تَہ آڻِ!

❊❊❊

## وائي ـ سُرڪوهياري

سِرو-

زارِي سا زارِي، آلو! پَلو، ڪوهياري ساڻ،

آئون جا ڪَندِيَس زاري

- اساسُ پَدُ ۽ ٽُڪوارو پَدُ ـ زارِي سا زارِي،
- پراءَ وارو پَدُ ـ آلو! پَلو! ڪوهياري ساڻ!
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پِتِي پَدُ ـ آئون جا ڳَندِيَس زاري ـ

۱۰+۱۵+۱۴= ۳۹ ماترا ـ شاهہ دنڊڪلا ـ

## ستين وائي

انترِو-

- ڪٽت پَدُ ـ ڪِينَ جِتَندِ يَسِ جيڏِيوون!
- ٽُڪوارو پَدُ ـ سُورَ پِريان جي آئون مارِي،
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پِتِي پَدُ ـ آئون جا ڳَندِيَس زارِي ـ

(شاهہ سائين)

## وائي

سرو-

ڪنهن کي منهِنجي اونَ آ؟

ڪوئِي مُنهنجو ڪو نہ آ،

اڳتي پَندُ اَڪيلڙو!

ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (پاڳون پيو) (شيخ اياز)

- اساسُ پَدُ ـ ڪنهن کي مُنهنجي اونَ آ؟
- تڪوارو پَدُ ـ ڪوئِي مُنهِنجو ڪو نہ آ،
- اولاٽڪ پَدُ ۽ پِتِي پَدُ ـ اڳتي پَندُ اَڪيلڙو!

۱۳+۱۳+۱۳ = ۳۹ ماترا ـ شاهہ دنڊ ڪلا ـ

( ۳ وائي پد)

انترو

هَھڙي سُندَرُ گھاٽَ تي،

کافي گھاريو تو نہ آ،

اڳتي پَندُ اکيلڙو!

- کٿت پَدُ۔ هَھِڙي سُندَرُ گھاٽ تي،
- ٽُڪوارو پَدُ۔ کافي گھاريو تو نہ آ،
- اولاٽڪ پَدُ ۽ يَتِي پَدُ۔ اڳتي پَندُ اکيلڙو!

**

## وائي۔ سُر حسيني (شاھہ)

سِرو

ڏُونگَر تِي ڏوري، وِندُر تِي ووڙي،

جتن لَئہ جيڏيُون! ڏونگرِ تي ڏوري۔

- اساسَ پَدُ۔ ڏُونگَرِ تِي ڏوري،
- تڪوِارو پَدُ ۔ وِندُرُ تي ووڙي،
- پراءَ وارو پَدُ۔ جتن لَئہ جيڏِيون!
- اولاٽڪ پَدُ، يَتِي پَدُ۔ ڏُونگَرِ تِي ڏوري۔

۱۰+۱۰+۱۰+۱۰ = ۴۰ ماترا۔ وجيا ماترائي۔

انترو-

کٿت پَدُ۔ سُورَ پائِي ٽِپَس سُجَ ۾،

تڪوارو پَدُ۔ جامَ پُنَھل کان اوري،

اولاٽڪ پَدُ ۽ يتي پَدُ۔ جتن لَئہ جيڏيُون! ڏونگَرِ تي ڏوري۔

****

## وائي

سرو

ڏيهہ نہ آيئہ مُنهنجو ڏانءِ،

آءُ تہ پيرون پاندِ ڏِيانءِ،

جي تُون راتِ رَهِين!

وجون وَسڻ آئيون (شيخ اياز)

- اساسُ پَدُ- ڏيهہ نہ آيئہ مُنهِنجو ڏانءِ،

تڪوارو پَدُ- آءُ تہ پيرِون پاندِ ڏيانءِ!

- اولاٽڪ پَدُ ءِ يَتي پَدُ- جي تُون راتِ رهِين!

١٥+١٠+١٥= ٤٠ ماترا- وِجيا ماترائي-

انترو-

- ڪٽت پَدُ- منهنجي ويڙهي لالَ لِباس،
- ٽُڪوارو پَدُ- ڪُهنبو اوڙهي ايندي سانءِ!
- اولاٽڪ پَدُ ءِ يَتي پَدُ- جي تون راتِ رَهِين!

٣ وائي پد-

****

## وائي

سِرو-

جِيُ جِيارِئو، جِيُ جيارِئو، ڪِينَ مُهجڙو هارِيو،

مهجو جِيُ جِيارِئو-

(شاهہ سائين)

- اساسُ پَدُ- جِيُ جيارِئو جِيُ جِيارِئو
- ٽُڪوارو پَدُ- ڪِينَ مُهجڙو هارِيو
- اولاٽڪ پَدُ. يَتي پَدُ- مهجو جِيُ جِيارِئو-

هِي ٽئي پَدَ مُقفا پَد آهن،

١٦+١٣+١٢= ٤١ ماترا- ٣ وائي پد شاهہ دنڊ ڪلا-

انترو-

- ڪٽت پَدُ- -سائِلَن جِنءَ سَڌَ ڪَرَي،
- ٽُڪوارو پَدُ- اَئِين طالِحَنِ کي تارِئو
- اولاٽو پَدُ ءِ پَٽِي پَدُ- مُهِجو جيُ جِيارِئو-

****

## وائي

سِرو-۴ وائي پد-

**ماٺهو مُنهنجي ڏيَهه جا، مُون کي ڇا چاٺن؟**

**اوڪَر لاهُو!**

**مَتان اُنهن وَسهِين!**

ڪتين ڪَرَ موڙيا جڏهن (پاڳوهيو) (شيخ اياز)

- اساسُ پَدُ- ماٺهو مُنهِنجي ڏيهَ جا،
- ٽُڪوارو پَدُ- مُون کي ڇا چاٺن؟
- اولاٽي جو پهريون پاڱو- اوڪر لاهُو!
- اولاٽڪ پَدُ- مَتان اُنهن وَسهِين!

**۱۳+۱۰+۸+۱۰= ۴۱** ماترا- دَنب ڪَلا-

انترو

- ڪٽت پَدُ- مُون ڏاڏاٺا ڏِيهه ۾،
- تڪوارو پَدُ- ڏِيئَنِ اُجهاٽَنِ،
- اولاٽي جو پهريون پاڱو- اوڪَرَ لاِهُو!

اولاٽڪ پد- مَتان اُنهنِ وَسهين!

# وائي

## سُر رامڪلي

سِرو-

جوڳي ڏاڍي ذات، جيجا! سامِي ڏاڍي ذاتِ،

ماءُ مَون قبولِيا ڪاپڙِي-

(شاهه سائين)

- اساس پَدُ- جوڳي ڏاڍي ذاتِ،
- ٽُڪوارو پَدُ- جيجا! سامِي ڏاڍي ذاتِ.
- الاٽو ۽ يتي پد- ماءُ مَون قُولِيا ڪاپڙِي-

۱۱+۱۵+۱٦ =۴۲ ماترا- مَهِي ڏَر دَنبَڪ-

انترو-

- ڪٽت پَدُ- اَدِيُون عَبدُاللّطِيفُ چي،
- تڪوارو پَدُ- شل ڏاتَرُ ڏِيندُمِ ڏاتِ،
- اولاٽو ۽ يَتِي پَدُ- ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙِي-

****

# وائي

سَدَ سَهانگِي، مَدُ مَهانگو،

سِرَ جو سَودو ڪيرُ ڪَري!

موکي وينِي مَتَ يَري!

وڃون وسڻ آئيون- (شيخ اياز)

مهِي ڏَر دَنبڪ-

۱۴+۱۴+۱۴ =۴۲ ماترا-

اولاٽو پَدُ، يَتِي پَدُ-

سِرو

- اساس پد- سَدَ سَهانگِي، مَدُ مَهانگو
- ٽُڪوارو پَدُ- سِرَ جو سَودو ڪيرُ ڪَري!

- اوڻڪ پَدُ- موڪِي ويٺي مَٿَ پَري!

انترو-

- ڪٽت پَدُ- جي تو جِيءَ جِياپو گهرجي،
- ٽُڪوارو پَدُ- آءَ نَـا ٻَاڙهي لاءِ ڳري،
- اولاٽو ءِ يَتِي پَدُ- موڪِي ويٺي مَٿَ پَري!

***

## وائي

واويلا! واويلا!

مَلَڪَنِ ڪِئو رِڻِ ماتامُ،

هَئَ! هَئَ! شاهہ حُسَينَ سِڌاريو!

سُر ڪيڏارو- (شاهہ سائين)

سِرو-

شاهہ دنڊ ڪلا!

- اساس پد: واويلا، واويلا
- پراءِ پد- -مَلَڪَنِ ڪِئو رِڻِ ماتامُ،
- اولاٽو پد: -هَئَ! هَئَ! شاهہ حُسَينَ سِڌارِيو!
- اولاٽو ءِ يَتِي پَدُ- واويلا! واويلا!

**١٢+١٤+١٧= ٤٣** ماترا- ٣ وائي پَدَ-

انترو-

- ڪٽت پهريون پَدُ، - ڪَربلا جي پِڙَ ۾،
- ڪٽت جو ٻيو پَدُ- -خِيما ڪوڙيائون
- پراءِ پَد - جيڪا رَضا رَبَّ جي،

  لِکِئو لوڙيائون

- ماترڪ سنڪيا جو مُڪتُ پَدَ - هَئَ! هَئَ! شِاهہ حُسَينَ سِڌاريو!
- اولاٽو ءِ يَتِي پَدُ-

هِيءَ گيت نما وائي آهي

***

## وائي

تُنهنجِي ڳولا، تنهِنجُون ڳالهيُون صبح و شام،

مُون کي پَل پَل پُورَ تُنهنجي پيار جا!

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

سِرو

۷+۱۳+ ۲۰ = ۴۰ ماترا- وجيا ماترائي ورنڪ ڇند

- اساس پَدُ- تُنهنجِي ڳولا،
- ٹُن ٹُڪوارو پد- تنهِنجُون ڳالهيُون صبح و شام،
- اولاٹو ۽ ٽِتِي پَدُ- مُون کي پَل پَل پُورَ تُنهنجي پيار جا!
- 3 وائي پد-

انترو-

- کٹت پد- تنهنجُون اکڙيُون، منهنجي ڏاهَپ جون ڏياتيون تيون مدام-
- اولاٹو ۽ ٽِتِي پد- مُون کي پَل پَل پُور تنهنجي پيار جا-

***

## وائي

لِڱڙِي آهِ لِغارَ، ووَ! يارَ!

لُنءَ لُنءَ ۾ لالَڻَ جي،

سَندَ سَندَ ۾ ساجَنَ جي-

(شاهہ سائين)

سِرو-

سُر ديسي- ۱۶+۱۴+۱۴=۴۴ ماترا- دنبڪ ورت- ۳ وائي پَدَ-

- اساس ۽ ٹُڪِوارو پَدُ- لِڱڙِي آهِ لِغارَ ووَ! يارَ!
- اولاٹي جو پيراءُ پد- لُنءَ لُنءَ ۾ لالَڻَ جي،
- اولاٹو ۽ ٽِتِي پَدُ- سَندَ سَندَ ۾ ساجَنَ جي

انترو-

- کٹت پد- آئون سُتِي، هُو هِلِئا،
- تڪوارو پَدُ- سَنجهي ٹِٹَڙا سوارَ، ووَ! يارَ!
- اولاٹو ۽ ٽِتِي پَدُ- لُنءَ لُنءَ ۾ لالَڻَ جي-

## وائي

**ديسُ ڇڏي پرديسِ، رُلي ٿي،**

**دلڙي ٿي ديوانِي ڙي!**

**دلڙي ٿي ديوانِي ڙي!**

وڄون وسڻ آئيون (شيخ اياز)

**سِرو-**

**١٦+١۴+١۴ =۴۴** ماترا- دنبڪ ورت-

- اساس پد- ديسُ ڇڏي پرديسِ، رُلي ٿي،
- ٽُڪوارو پد- دلڙي ٿي ديوانِي ڙي!
- اولاٽو ۽ پٽي پد- دلڙي ٿي ديوانِي ڙي!

**انترو-**

- ڪٽٽ پد- مَنُ سوري ٿو ڪنهن جي مالها،
- تڪوارو پد- ساري تَنَ ۾ تانِي ڙي!
- اولاٽو ۽ پٽي پد- ٣ وائي پد- دلڙِي تِي دِيواني ڙي!

دنبڪ ورت-

❊❊❊

## وائي

**اڪڙيون ڪيئن آليندئون يارَ!**

**سارا سُورَ سَلِيندِيون يارَ!**

**اڪڙيون ڪيئن آليندئون يارَ!**

وُڄون وسڻ آئيون- (شيخ اياز)

**سِرو-**

**١۵+١۵+١۵ =۴۵** ماترا- دنبڪ ورت-

- اساس پَدُ - اڪڙيون ڪيئن آليندئون يارَ!
- تڪوارو پَدُ- سارا سُورَ سَلِيندِيون يارَ!

- اکڙيون ڪيئن اَلِينديُون يارَ!
- اولاٽو ۽ ڀِتِي پَدُ- اکڙيون ڪيئن اَلِينديُون يارَ!

هيءَ وائي تڪياري وائي آهي

**انترو**

- ڪٽت پد- ساوڻ پنهنجا سانگ ڪيا جي،
- تڪوارو پد- پو ڪيئن پاڻ پَلِينديُون يار!
- اولاٽو پد ۽ ڀِتي پد- آڪڙيُون ڪيئن آلينديُون يار!

❋❋❋

## وائي

رُئندي راتِ گُذارِي ڙِي،

مُون رُئندي رات گُذاري ڙي!

مُون رُئندي راتِ گُذارِي ڙي!

وجون وسڻ آئيون (شيخ اياز)

**سرو-**

۱۴+۱٦+۱٦= ۴٦ ماترا- ڪلاڌر دنبڪ-

- اساس پد- رُئندي راتِ گُذارِي ڙِي،
- تڪوارو پَدُ- مُون رُئندي رات گُذاري ڙي!
- اولاٽڪ پد ۽ ڀتي پد- مُون رُئندي راتِ گُذارِي ڙي!

**انترو-**

- ڪٽت پد- پنهنجو پيارُ پَکِيئڙي جهڙو،
- تڪوارو پد- ماٺهو ماٺهوءَ مارِي ڙي!
- اولاٽڪ ۽ ڀتي پد- مُون رُئندي راتِ گُذارِي ڙي!

❋❋❋❋

# وائي

اَللهَ سائين! سائين!

پُٽان پرِيَنئِون مَ پاهِين،

مُون تان آسَرو آهي اوڏاهِين۔

سُر آسا۔ (شاهہ سائين)

## سِرو

۱۱+۱٦+۱۹ = ۴٦ ماترا۔ گيتا شيل دنبڪ

- اساسُ پد۔ اَللهَ سائين! سائين!
- تڪوارو پَدُ۔ پُٽان پرِيَنئِون مَ پاهِين،
- اولاٽوءِ يتي پد۔ مُون تان آسَرو آهي اوڏاهِين۔

## انترو

- ڪٽتِ پد۔ جِتي ڏيرو دوست جو
- تڪوارو پد۔ ساڪِنءَ جُوءِ آڳاهِين؟
- اولاٽڪ ءِ يتي پد۔ مُون تان آسَرو آهي اوڏاهِين۔

۳ وائي پد۔

❊

# ورنڪ چند، يا ڪل پد چند.

هتي هڪ عرض ڪندو هلان تہ ماترڪ چندن جيان ورنڪ چندن ۾ بہ زحافات جي گنجائش ڪانهي، پر جيئن تہ علم عروض جي شاعرن کان زحافن جون غلطيون ٿيون آهن. اهڙين غلطين کي تنقيد جي دائري ۾ آڻجي يا نہ آڻجي؟ اهو سوال نقاد حضرات جي تڪليف ۾ ضرور وڌارو ڪندو، پر اسان کي ان علمي سوال جو جواب ملڻ گهرجي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي کان وڏو نالو شيخ اياز جو اچي ٿو.

اُن بزرگ کان ڄاڻي واڻي، يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهي غلطيون ٿيون آهن. ڏسون هي ورنڪ چندن واريون شيخ اياز جون وايون:-

آءُ، زندان جي جَهروڪي مان نهار!
ست ڪل ستڪل شٽ ڪل
٧ ٧ ٦ = ٢٠ ماترا

کهڙي پياري راتِ آهِ!
ستڪل شٽڪل
٧ ٦ = ١٣ ماترا.

٢٠+١٣ =٣٣ ماترا. منجري چند.

انترو.

آسمانن مان ڪِري ٿو، چاندنِيءَ جو آبشار!
ڪٽ پد اولاٽڪ پد
کهڙي پياري راتِ آهِ!
اولاٽڪ پد ۾ يتي پد.

***

## وائي

سِرو-

تَرسُ اي     حُسن ازل

ستڪل     پنجڪل

٧     ٥= ١٢ ماترا - اساس ۽ تُڪوارو پد -

اڄ تہ منهنجو روح رهجي ٿي ذَ ٿو

ستڪل ستڪل پنجڪل

٧     ٧     ٥ = ١٩ ماترا اولاٽو ۽ يتي پد -

١٢+١٩= ٣١ ماترا - وِير ڇند -

انترو-

تَرسُ اي     پرده نشين     پردو هٽائي     چارِ پَل -

ستڪل     ستڪل     ستڪل     پنجڪل

٧     ٧     ٧     ٥ = ٢٦ ماترا

ڪٽت پد.     تڪوارو پد     ۽ يتي پد

اڄ تہ منهنجو رُوح رهجي ٿي ذَ ٿو

ستڪل ستڪل پنجڪل

٧     ٧     ٥ = ١٩ ماترا -

جوڙ ٢٦+١٩= ٤٥ ماترا - دنڊڪ ورت -

***

# وائي

سرو-

هر محبت جي مزارَ

ستڪل شتڪل

٧ ٦ = ١٣ ماترا-

اساس پَدُ ۽ ٽُڪوارو پد-

وقت ڪوتيندو رهي تو ڏينهن راتِ-

اولاٽو پد ۽ يتي پد-

٧ ٧ ٦ = ٢٠ ماترا-

١٣+٢٠ =٣٣ ماترا- وام سَوَيا-

انترو-

چندَ ڪان پُڇ، جنهن جي پاڇي ۾ تين تا ڪيئي پيار،

ستڪل ستڪل ستڪل ستڪل

٧ ٧ ٧ ٦ = ٢٧ ماترا-

ڪٽت پد تڪوارو پد

هر محبت جي مزارَ

وقت ڪوتيندو رهي تو ڏينهن رات

اولاٽو پد ۽ يَتِي پد-

***

# وائي

راتِ ڪائي تانگهَ تاتِ،

منهنجي مَن ۾ آڳ جِئَن آئي پرين!

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

١٣+١٩= ٣٢ ماترا- سُمان سَوَيا- ورنڪ چند-

سرو-

آساس ۾ تڪوارو پَد- راتِ ڪائي تانگهَه تاتِ،

اولاٽو ۾ يتي پد- منهنجي مَن ۾ آڳ جِئَن آئي پِرِين!

انترو

زندگاني جي چمن مان، آئِي خوشبو اي نجات

ڪٽت پد تڪوارو پد-

راتِ ڪائي تانگهه تات،

منهنجي من ۾ آڳِ جِئَن آئي پرين!

اولاٽڪ پد ۾ يتي پد-

## وائي

اي زمانن جا ضمير!

تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

پونر پري آڪاسِ (شيخ اياز)

سرو-

۱۳+۱۹= ۳۲ ماترا- سُمان سَويا- ورنڪ ڇند-

اساس ۾ تڪوارو پد- اي زمانن جا ضمير!

اولاٽڪ پد ۾ يتي پد- تنهنجي ڪهڙي منزل مقصود آ؟

انترو

آب وگِل مان چو بڻايئه، زند گاني جو ضمير؟

ڪٽت پد تڪوارو پد

تنهنجي ڪهڙي منزل مقصود آ؟

اولاٽڪ پد ۾ يَتي پَدُ-

****

## وائي

وَري اُهائي تانَ آچي ٿي، وري اُهائي تانَ

سَکي ڙي، وَرِي اُهائي تانَ۔

پونر پري آکاس (شيخ اياز)

سرو-

وَري اُهائي تانَ آچي ٿي، وري اُ هائي تانَ

اساس پد تکوارو پد

سَکي ڙي، وَري اُهائي تان۔

اولاٽَڪ پد ۽ يتي پد۔

انترو-

پري پري پهچي ويا جنهن سان، پَلَ ۾ منهنجا پرانَ،

ڪٽت پد تکوارو پد۔

سَکِي ڙي، وَري اُهائي تانَ۔

اولاٽَڪ پدَ ۽ يتي پد۔

١٦+١١+١٦= ۴٣ ماترا۔ دنڊ ڪلا۔ ورنڪ ڇند۔

****

## وائي

ڪيستائين انتظار!

تُون ڪرائيندينءَ اچا؟

ڪتين ڪر موڙيا جڏهن۔ (شيخ اياز)

سرو

١٣+١٢= ٢٥ ماترا روپ ڪانت ڇند

ڪيستائين انتظار!

اساسَ پد ۽ تکوارو پد۔ اولاٽو پد۔

تُون ڪرائيندينءَ اچا؟

يتي پد۔

انترو

**گُل ڦُٽا ٽارين مٿان، مُون سوچيو آيو بھارُ!**

ڪٽ پد          تڪرارو پد

**ڪيستائين انتظارُ؟**

اولاٽو پد.

****

## وائي

**اي پرين! تو ڏي اُتَلَ**

**آھ منھنجي سَمنڊَ جان!**

ڪتين ڪر موڙيا جڏھن (ياڳو ھيو) (شيخ اياز)

سرو

**۱۲+۱۲ = ۲۴** ماترا. دڪپال ورنڪ ڇند.

اساس پد، تڪرارو پد. **اي پرين! تو ڏي اُتَلَ**

اولاٽو ۽ ٽيجي پد. **آھ منھنجي سَمنڊَ جان!**

انترو

ڪٽ پد. **چنڊ جئن چھرو اَٿِي،**

تڪرارو پد. **مان ڇا ڪيان مُون ڪي نَہ ڇَھل!**

***

## وائي

**ايترو افسوس ڇو؟**

**ٿِي ڪَرين مُون تي پرين!**

ڪتين ڪر موڙيا جڏھن (ياڳو ھيو) (شيخ اياز)

سرو

**۱۲+۱۲ = ۲۴** ماترا. دڪپال ورنڪ ڇند.

- اساس پد. تڪوارو پد ۽ اولاٽو پد- ايترو افسوس ڇو؟
- پراءُ پد ۽ يتي پد- ٿِي ڪَرين مُون تي پرين!

انترو-

- ڪٽت پد- ڪيئن تو سمجهيو تہ منهنجو،
- تڪوارو پد- پَندُ اَجُ آهي پُنو؟
- اولاٽڪ پد ايترو افسوس ڇو؟
- يتي پد- ٿِي ڪرين مُون تي پرين

****

## وائي

ڪِئن ءَ ڪَريان مان، ڪنهن بہ ريت،

منهنجي مَن کي چين ناهي!

پونر پري آڪاس (شيخ اياز)

13+14= 27 ماترا سندر سيتا ورنڪ ڇند-

سرو:

- اساس ۽ تڪوارو پد- ڪئن ءَ ڪريان مان، ڪنهن بہ ريت
- اولاٽڪ ۽ يَتي پد- منهنجي مَن کي چين ناهي!

انترو

- هاءِ ڪهڙي رات آهي، ڇندُ مُنهنجو ناهِ ميت!

ڪٽت پد تڪوارو پد

منهنجي من کي چين ناهي!

اولاٽو پد-

****

# وائي

روح منهنجي جي نِجات-

تنهنجي اکڙين ۾ هُئِي!

پونر پري آڪاس- (شيخ اياز)

سِرو

۱۲+۱۳= ۲۵ ماترا روپ ڪانت ورنڪ ڇند-

- اساس ۽ تڪرارو پد- روح منهنجي جي نِجات-
- اولاٽو ۽ پٺِي پد- تنهنجي اکڙين ۾ هُئِي!

انترو

- ڪٽت پد- اوچتو تنهنجي اکين ۾
- تڪرارو پد- مُون ڏٺو آبِ حيات-

****

# وائي

راتِ جا تارا چون ٿا،

تُون نَہ ايندِينءَ!

ڳتين ڳر موڙيا جڏهن (ياڳوهيو) (شيخ اياز)

۱۴+8 = ۲۲ ماترا- راس ورنڪ ڇند-

سِرو

- اساس ۽ تڪرارو پَدُ- راتِ جا تارا چون ٿا.
- اولاٽو پَدُ ۽ پٺي پَدُ- تون نَہ ايندينءَ!

انترو

- ڪٽت پد- ڪيترو جُڳنو هِتي آيا ويا.
- تڪرارو پَدُ- پو بہ سَڀُ چارا چَون ٿا.
- اولاٽو ۽ پٺي پد- تون نہ ايندينءَ!

***

# وائي

تِي نَہ اُوندَهہِ ۾ اُداسُ،

چانڊِنِي راتيُون ٻِ ايندِيون

ڪُونجون ڪرڪن روھہ تي. (شيخ اياز)

**سرو**

**۱۳+۱۴= ۲۷** ماترا. سرسِي ورنڪ ڇند.

- اساسُ پَدُ ۽ تُڪوارو پَدُ. تِي نَہ اُوندَهہِ ۾ اُداسُ،
- اولاٽو ۽ ٻَتي پَدُ. چانڊِنِي راتيون ٻہ ايندِيون!

**انترو**

- ڪٽٽ پَدُ. مان مَجان تو هُونءَ ناهي،
- تڪوارو پَدُ. موت جو ڪو مُندَ ماسُ،
- اواٽو پد ۽ ٻَتي پَدُ. چانڊنِي راتيون ٻہ ايندِيُون!

***

# وائي

كنهن مُصور جو تَصور، آهِ مُنهنجي شاعِري،

رنگ وُبو جو رَقص ڏِسُ

ڪونجون ڪرڪن روھ تي- (شيخ اياز)

**سرو**

**۱۴+۱۲+۱۲ = 38** ماترا- مندرا مالا ورنڪ سَوَيا-

- اساسُ پد- ڪنهن مُصور جو تَصور،
- تڪرارو پد- آهِ مُنهنجي شاعِري،
- اولاٿو پد ۽ پَٽي پَدُ- رنگ وُبو جو رَقص ڏِسُ!

**انترو**

- ڪَٽ پَدُ- رونوا جئَن مُون چِتي آ،
- تڪرارو پَدُ- آدِميءَ جي زندگي،
- اولاٿو ۽ پَٽي پَدُ- رنگ و بُو جو رَقص ڏِسُ!

رونوا = فرينچ مصور

****



ڇند وديا شعر جوڙڻ واري علم کي چئجي ٿو. شاعريءَ جو فن. ڇند وديا شاعري جي اصول کي چئجي ٿو، جنهن جي بنياد تي سنڌ ۽ هند ۾ جيڪا شاعري ٿئي ٿي. ۽ سنڌي شاعراڻيون صنفون لکيون ويون آهن. جهڙي طرح عرب ۽ ايران ۾ شاعري جوڙڻ جي علم کي علم عروض چيو وڃي ٿو. انگريزي ادب ۾ شاعري جي علم يا فن کي ميٽر چيو وڃي ٿو.

ڇند وديا، ماترائن، ورنن، ورتن ۽ دنب ڪلا کي ڳُڻن، پدن موجب ترتيب وار ڪَوِتا ۾ آڻڻ واري فن کي چئبو آهي، حقيقت ۾ هر ڇند هڪ بحر ٿئي ٿو، هر ڇند جا، چرن توڙي پد جدا جدا ٿين ٿا، هر پد يا چرن ۾ مختلف ڳُڻ ٿين ٿا. ڇند سنڌي توڙي هندي ڪَوِتا جو فن آهي، ڇند وديا جي لفظي معنيٰ آهي هڪ شعرِي ويسُ يا نمونو آهي.

شاعريءَ جي هن فن کي هندِي ٻوليءَ ۾ ”هندي پنگل“ چيو ويندو آهي، جيڪو سنسڪرت جي ڇند شاستر تي آڌاريل آهي، جيئن ته هي فن پنگل رشي جي ايجاد سمجهيو وڃي ٿو، اهو زمانو ٻه سوءَ سال عيسوي سن کان اڳ جو چيو وڃي ٿو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.